# بُوند، لهرُون ۽ سَمُنڊ

نارائڻ شيام

# بوند ـ لہروں ـ سمندر

(غـزل)

نارائن شیام

# ٻوند - لهرون - سمنڊ

## (غـزل)

نارائڻ شيام

اڀياس :

**ڊاڪٽر تنوير عباسي**



سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت

حيدرآباد سنڌ

١٩٨٧ع

[شاعر جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

چاپو پهريون ڊسمبر ١٩٨٧ع تعداد ١٠٠٠

قيمت: ڏهہ روپيا

هيءُ ڪتاب سنڌ پريس، آڪال پنگا لين، حيدرآباد سنڌ، ۾ ڇپيو، ۽ محمد ابراهيم جويي، صدر، سنڌي ادبي جي سهڪاري سنگت، ٨- ٽم-مار، منظور چيمبرس، گاڏي کاتي، حيدرآباد، سنڌ، مان پڌرو ڪيو.

# فهرست

"ٻوند – لهرون – سمنڊ" : نارائڻ شيام جي
شاعريءَ جو اڀياس (ڊاڪٽر تنوير عباسي) .... ١–٦٢
"ٻوند – لهرون – سمنڊ" — غزل
(نارائڻ شيام) ٦٥–١٢٨
جيون جي بيڪار منجهند جي سمي، .... ٦٥
آهيان ٻوند، پوءِ به لهرون ڏسي، .... ٦٦
ڏارچ شعاع ڪري ۽ ڪا شيءِ چمڪي جيئن
ڪوهيري ۾، .... ٦٧
فضا خاموش، پوين پهر، چُپ تارا، اڪيلائي، .... ٦٨
ڏسي گلاب سرءُ ۾ اُڙيل، خوشي ته سري، .... ٦٩
سخت سيارو، سج سامهون، پڻ سرو جسم
ڪنبي ٿو، .... ٧٠
هئن رڻ پٽ جي سخت سفر تي نڪتو آهين
ڏينهن تتي، .... ٧١
هن ڏي وڻ جي چانگيل ڏاري، .... ٧٢
ويچار کو ڏڪرايو اچي دل جي تهَن سان، .... ٧٣
ڪيڏي موهڻي پريم جي مايا، .... ٧٤
ڪيترا رستا ۽ ڪيڏا موڙ هئا، .... ٧٥

آسھہ چپ چاپ اُپ جي آھہ تارن کان ٿي نوراني، .... ٧٦
ڏنو مون چنڊ ڪڙيو سج لٿي کان ٻھرين جو .... ٧٧
مان تہ ھڪ يادگار پيڙھين جو، .... ٧٨
گيت جو سُر ۽ لئہ جي سمجھڻ، .... ٧٩
ايندين، پير بہ چمنديون لھرون، .... ٨٠
ھئي زندگي رڃ جي ريت جان، .... ٨١
تہ ڪي ڪيتريون ڪيم پنھنجي دل جون پارتون، .... ٨٢
بنان سمجھہ سمجھو مون جئن سلسلو، .... ٨٣
شام جو وڏنڊڙ ھئي اوندھہ گھٽي، .... ٨٤
ڏسي مون ڏي، رڪي رڪي، مشڪيو، .... ٨٥
اڄ ھلي اچ اٿاھہ ساگر ڏي، .... ٨٦
ڪيئن چوان تصور ھوءَ ھوبھو، تنھنجي ھئي، .... ٨٧
رستي جي پر، وڻ وڻ ھيٺان، سنسن پس ڪري ھوا، ... ٨٨
ايڪانت يا ڪ سارَ سگھئين ڪنَ جا سھي، ... ٨٩
رھيس تو لئہ قربانئي شخصيت مان، .... ٩٠
چڪي گھونگھٽ تو منھن چڍايو پيي، .... ٩١
صورت جون رنگتون ۽ محبت جون صورتون، .... ٩٢
چنڊ آڱڙ ۾ چڏي، بند ڪري ۾ اچي، .... ٩٣
اونداھيءَ جا دروازا کُلي پيا، .... ٩٤
ڌرم جو اِئين وجود آھي جئن پاسي، .... ٩٥
دل ۾ پاوَ مانيٽا ڪنھن جي روپ جاڳايا، .... ٩٦
ھيرو صراف حي ڳوٺلا ۾ ھٿون دٺ ھلندو، .... ٩٧
ڏھہ ڏَھہ وراڻي ھوند ڏنئہ انڪار جو، .... ٩٨
راھيءَ ڪوبہ نہ اوسيڙو ڪو، .... ٩٩

تنهنجي هيءَ ماٺ ته ديوار نه ڪا جنهن پاسي! .... ١٠٠

ڪارگر ڪنهن ريت آئينو ٿئي، .... ١٠١

'شيام' پنن جي ٻهڙي ٿاهي، گيتن ساڻ پري، .... ١٠٢

مون ته سمجهو ايندي دعوت جي، .... ١٠٣

بادلن جي ڇانوَ — آس جي راند پرمايو مون کي، .... ١٠٤

شوالي ۾ وڃي گهنڊ ڪڏهن هوم وڄايو، .... ١٠٥

مون نه جوانيءَ ۾ هي تنهنجا انگ سڊول ڏٺا، .... ١٠٦

ڏسي ڪنهن کي ٿي دل لڇي ڇو پئي، .... ١٠٧

دوست، جنهن موٽ ۾ تو ڪيڪاريو، .... ١٠٨

اڄ ته ڪلهه جان پرهه ڦٽي آهي، .... ١٠٩

اِڃهو آس پئي چنبڙي اِئن گلن کي، .... ١١٠

نه ڳل حقيقت نه تون حقيقت، .... ١١١

ڪلهه برابر چنڊ پورو پئي لڳو، .... ١١٣

ڪهڙي سرحد، هي نه بيحد جو جهان، .... ١١٣

جيسين توسان پرين! اچي ڳڏجان، .... ١١٤

ويندي ويندي، اِئين ڏٺائين ڇو؟ .... ١١٥

تو رستي تي ڇو مُشڪيو پئي، .... ١١٦

پاڻ ۾ تنهنجو منهنجو لاڳاپو، .... ١١٧

نه جي پهڻن تان هلندي ٿاپڙيا ها، .... ١١٨

لنيو پئي پکيءَ ڇا ڳهٽيءَ مهل ڪان، .... ١١٧

پيار نه پاسي ساپيا جهڙو، .... ١٢٠

ننڊ نيڻين آئي نه ڪا ڇاڪاڻ، .... ١٢١

تو ڏينهن ڏني ديپ تہ پاريو، .... ١٢٢
نگاهہ تنهنجي بدن تان ڪجهي ڪجهي نہ ڪجهي، .... ١٢٣
مون ڏنو هر روز جيڪي ٽا ڪريو، .... ١٢٤
هي اسان جو ئي حافظو آهي، .... ١٢٥
مون ۾ آهين تون وهم ئي پايان، .... ١٢٦
پيار ڪان، پيڙ ڪان، بچي سگهندين ! .... ١٢٧
اڄ اڄ، سائي وڻ جي هيٺان، .... ١٢٨

# ”ٻوند- لهرون- سمنڊ“

## [نارائڻ شيام جي شاعريءَ جو اڀياس]

اسان جي دور جي شاعرن ۾، سنڌ توڙي هند ۾، نارائڻ شيام کي وڏي اهميت حاصل آهي. هو انهن ٿورن شاعرن مان آهي، جيڪي اسان جي دور جي شاعريءَ جي وهڪري کان الڳ ٿلڳ، پنهنجي ذاتي اسلوب جي ڪري نرالا ۽ انوکا ٿا لڳن. نارائڻ شيام سنڌيءَ جي جديد شاعريءَ، توڙي ترقي پسند شاعريءَ، جي بنياد وجهڻ مان هڪ آهي. نه فقط هو انهن بنياد وجهندڙن مان هڪ آهي، پر انهن سڀني مان اهم ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته هو شاعريءَ توڙي ترقي پسنديءَ جي قدرن کي اڄ تائين نه فقط پنهنجو ڪندو آهي، پر اڃا تائين انهن کي سنوارڻ سينگارڻ ۽ انهن ۾ نيون راهون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رُڌل آهي.

هو ڪشنچند ”بيوس“ جي اثر هيٺ آيل شاعرن مان آهي ۽ ڊي-جي سنڌ ڪاليج ۾ سنڌي ادبي سرڪل جي بنياد وجهندڙن ۽ سرگرم ڪارڪنن مان هڪ آهي. ان سان گڏوگڏ حاجي محمود ”خادم“ جهڙي عروض جي سخت گير شاعر، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻيءَ جهڙي فارسي شاعريءَ جي ماهر، ۽ پرسرام ”ضيا“ جهڙي عوامي لهجي

واري شاعر — تنهي کي پنهنجو رهبر ۽ رهنما تسليم ٿو ڪري. ان نڪتي کان ئي نارائڻ شيام جي انفراديت جي شروعات ٿئي ٿي.

هن جو شعر ڪشنچند بيوس جي شعر وانگر عام سنڌي ٻوليءَ ۾ نه آهي، جنهن ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ جا ڏاريا لفظ گهٽ آهن، پر تنهن هوندي به شيام جي ٻولي نه دقيانوسي آهي، ۽ نه ان جو لهجو توڙي اچار ثقيل ۽ غيرفصيح — هو اچارن کي اجايو ڇڪي، زوراڻو (Stressed) بنائي، وزن يا ماترائن ۾ پورو ڪرڻ جي ڪوشش نه ٿو ڪري، پر ائين لڳي ٿو ته سلاست توڙي فصاحت سان ڀريل مصراعون پنهنجو پاڻ ئي قالبن ۾ پئجيو وڃن، سواءِ ڪنهن اجائي دٻاءَ، زور زبردستيءَ يا ونپڪڙ جي.

شيام جي شاعري، ان لحاظ کان، بيوس کان اڳتي وارو ارتقا جو ڏاڪو آهي.

سنڌي ترقي پسند شاعريءَ جي وجود ۾ اچڻ سان، بيوس کان پوءِ جي دور واريءَ شاعريءَ ۾ هڪ نئين ۽ اهم دور جي شروعات ٿي — ۽ اها نارائڻ شيام جي شاعريءَ سان ٿي.

ڊي. جي سنڌ ڪاليج جي سنڌي سرڪل ۾، ورهاڱي کان ٿورو اڳ، نارائڻ شيام، شيخ اياز، هري دلگير ۽ شيخ راز جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد وڌو. هنن سنڌي شاعريءَ کي ٽين صنفن (آزاد نظم ۽ سانيٽ) ۽ نون رذمن سان واقف ڪيو. هنن نوان تجربا ڪري، سنڌي شاعريءَ

لاءِ نيون واٽون ڳولهيون. نارائڻ شيام اُن ۾ سڀ کان اڳرو هئو.

نارائڻ شيام سنڌيءَ جو اهو نرالو شاعر آهي، جيڪو پنهنجي نرالي اسلوب، لهجي ۽ مزاج، فڪر، ٻوليءَ، موسيقيت ۽ ڪامياب تجربن سببان، سنڌي شاعريءَ جي موجوده دور جي وهڪري ۾ رهندي به، اُن وهڪري کان ڌار هڪ انوکي، نرالي ۽ دائمي حيثيت رکي ٿو.

نارائڻ شيام کي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ، فارسي ڪلاسيڪي شاعريءَ، ۽ جپاني هائيڪو شاعريءَ ۽ جديد مغربي شاعريءَ جو اونهو اڀياس آهي. انڪري ئي سندس شعر ۾، سنڌي، فارسي، هندي، جديد مغربي ۽ جپاني ڌارائن جو سهڻو ميلاپ نظر اچي ٿو.

دوهو، سورٺو، بيت، وائي، گيت، نظم، رباعي، غزل، آزاد نظم، سانيٽ، ترائيل ۽ هائيڪو — سيني صنفن تي هو هڪجهڙيءَ قدرت ۽ سولائيءَ سان لکي سگهي ٿو. هن هر صنف جو، پوءِ اها مشرقي هجي يا مغربي، يا ماڳهين مقامي هجي، تمام اونهو اڀياس ڪيو ٿو ڏسجي — جو تمام اونهي اڀياس کان سواءِ ايترين سارين صنفن ۾ ايڏيءَ ڪاميابيءَ سان لکي سگهڻ ناممڪن آهي.

عروض جي سختيءَ سان پابندي اڪثر شاعرن تي منفي (Negative) اثر ڇڏيندي آهي. هو وزن لاءِ لفظن کي ڇڳي ڇني، ڇڪي تاڻي پورو ڪندا آهن ۽ اجايا ڀرتيءَ جا لفظ وجهندا آهن — پر شيام جي شاعريءَ تي

عروض جي پابنديءَ مثبت (Positive) اثر ڇڏيو آهي. هن وقت تہ ڇڪيل تاڻيل، لهجي ۽ موسيقيت کي بگاڙيندڙ اچار آهن، نہ اجايا ۽ بي معني ڀرتيءَ جا لفظ، هن جي رباعين، غزلن، توڙي نظمن ۾ رواني، سنڌي لهجي ۽ اچار جي اصليت، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي موسيقيت نہ فقط موجود آهي، پر معمول کان وڌيڪ نکريل — اها ڳالهہ ثابت ٿي ڪري تہ محنتي ۽ سٺي ذوق واري شاعر لاءِ ناممڪن کي ممڪن ڪرڻ مشڪل نہ آهي.

سنڌي اساسي شاعري، توڙي ڪلاسيڪي شاعري، تصوف ۽ ويدانت جو سهڻو سنگم آهي. هن صديءَ جي شروعات کان سنڌي شاعريءَ تي مغربي شاعريءَ جا اولڙا پوڻ شروع ٿيا. سنڌيءَ جي هر جديد شاعر لاءِ ڪلاسيڪي سنڌي شاعري، ڪلاسيڪي فارسي شاعري، ۽ جديد مغربي شاعريءَ جو اڀياس ضروري آهي. نارايڻ شيام ۽ شيخ اياز ٻہ اهڙا شاعر آهن جن جي شاعريءَ پڙهڻ بعد لڳي ٿو تہ هنن انهن ٽنهي ٻولين جي اونهي اڀياس کان پوءِ پنهنجي لاءِ اهڙو منفرد اسلوب اختيار ڪيو آهي، جيڪو اهي سڀ ضرورتون پوريون ٿو ڪري.

شيام جي شاعري، سنہ ١٩٥٣ع ۾ سنڌس ۽ هري دلگير جي شاعريءَ سان گڏ ڇپيل مجموعي 'ماڪ ڦڙا' سان شايع ٿي. 'ماڪ ڦڙا' ۾ سنڌس اوائلي ۽ تجرباتي شاعري آهي. ان ۾ فڪر جي توڙي گهاڙيٽي جي نواڻ آهي، ۽ آزاد نظم، سانيٽ ۽ ترائيل جا ڪامياب تجربا

آهن؛ گيتن ۾ انوکي نغمگي آهي ـــ جيئن ”آس ۾ جيون راس“ آزاد نظمن ۾ اتساهه، رواني ۽ ردم آهي، ڏوڙي جو آهي شيام ڏوڙي سنڌي شاعريءَ جا اوائلي آزاد نظم آهن، جيئن ”محبت“ ۾:

ڏڙڪي
ڦڙڪي
ڪنبي ڏڙڪي
ڪڙلي چڙلي
چڙلي ڪيري
ائين ڪري جيئن ندي چڙلي

۽ اهڙيءَ ريت سڄو نظم روان ۽ مترنم آهي.

’ملڪ ڦڙا‘ ۾ ڪن نظمن جو موضوع سنڌي شاعريءَ لاءِ ان وقت به انوکو هو ۽ اڄ پڻ انوکو آهي، جيئن ”تون نه وڃجانءِ ڇڏي“، ”مان وساريل ئي سهي“ ۽ ”سپردگي“.

هن مجموعي ۾ شيام ’موبل راڻي‘ ۽ ’ليلا چنيسر‘ جي لوڪ داستانن کي نظم جي گهاڙيٽي ۾ آندو آهي.

هي مجموعو شيام جي اوائلي شعرن تي مشتمل آهي، انڪري ان ۾ ڪٿي ڪٿي اردوءَ جي روايتي ترقي پسنديءَ ۽ نعري بازي جو اثر موجود آهي، جيئن ”اٿ ڪجهه ڪريون“، ”طوفان جي نئين لهر“ ۽ ”جواني“ ـــ پر انهن نظمن سنڌي شاعريءَ جي فڪر ۽ نظريي جي واڳ موڙڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو

آهي. 'ماڪ ڦڙا' ۾ شيام جا تمام سهڻا عڪسي نظم پڻ آهن، جيئن "پوياڙي". 'ماڪ ڦڙا' جي ڪن جزوي غزلن ۽ نظمن ۾ ڪٿي ڪٿي ڏکيا هندي سنسڪرت لفظ آندل آهن، پر عام طرح ٻولي سولي، عام فهم ۽ صاف آهي. شيام جي ٻهرڏين مجموعي سان ئي هن کي سنڌي شاعريءَ ۾ مستقل ۽ اهم مقام ملي ويو.

شيام جو ٻيو مجموعو آهي 'پنکڙيون' جيڪو ١٩٥٣ع ۽ ١٩٥٤ع ۾ لکيائين، ۽ ١٩٥٥ع ۾ ڇپيو. هن مجموعي ۾ هڪ سؤ رباعيون، ۽ هڪ ڊگهو نظم "روپ مايا" شامل آهن. رباعي فارسي شاعري جي صنف آهي، جيڪا هڪ خاص بحر 'هزج' ۽ ان جي زحافن تي لکي سگهبي آهي، ۽ ان جي چئن سٽن ۾ خيال جي اونهائيءَ ۽ موضوع جي همه گيريءَ سان گڏوگڏ ڪنهن حد تائين چوٽ (Climax) جو عنصر ضروري آهي. شيام جي رباعين کي پڙهي، لڳي ٿو ته هن نه فقط فارسي شاعريءَ جي گهاڙيٽن (عروضِ) جو اونهو ابياس ڪيو آهي، پر هن صنف (رباعيءَ) جي لوازمن، فني ضرورتن، ۽ ٽيڪنيڪ کان به هو پوريءَ طرح واقف آهي. هيءَ ٺيٺ فارسي صنف کي عام فهم سنڌي ٻوليءَ جو ويس پهرائڻ، سو به ان طرح جو سنڌيءَ جو لهجو، اچار ۽ ردم قائم رهي، ۽ ڪابه ڇڪتاڻ يا اچارن ۽ لهجي جي deformity نه هجي، فقط شيام ئي ڪري سگهيو آهي:

گل پڻ مان وجهي واجهه پريشان ٿين ڇو؟
خورشيد مان شبنم نمايان ٿين ڇو؟

چـا لاءِ هتان هتـان ليئا پـيـو پـائـيـن؟
پنهان نـہ رهي سگهين تـہ پنهان ٿين چـو؟

آهستہ اٿي، تـي مـونِ وٽان جڏهن نہ وڏـي،
چـا ٻانهن جـي سندريءَ مـڙي لـوڏ ڪئي،
ڪمري ۾ ويئي پڪڙجـي سپنن جـي سڳنڌ،
ٻـوڪـيـل ول واءَ ۾ لڏي 'شيام' ٻـڌي.

رباعيءَ جهڙيءَ صنف ۾ شيام 'سسئيءَ' جي موضوع کي آڻي، ان صنف کي سنڌي ويس پهرايو آهي:
سپنـي ۾ هـيـس ڏٺي مـان اپاڳي ڀاڳـي،
ڪـوليم جـو اکيون هـيـس اپاڳي ساڳـي،
جـهـڙو ڏٺو سمهڻ سـپـاڳـب تـهـڙو جـاڳـڻ،
سسئيءَ جـي سمهي، تہ مون وڃايو جـاڳي.

ساڳـيءَ طـرح 'لـيـلا چنيسر'،
آداب شـراب جـي او خالـي مينا،
آداب چنيسر جـي وڇـوڙيل ليلا،
سو رنگ ڪٿي راڳ ڪٿي ناچ ڪٿي،
رونق نہ رهي تنهنجي حياتيءَ ۾ ڪا.

'پنکڙيون' جي رباعين مان ظاهر آهي تہ شيام جي فارسي شاعريءَ جو اونهو اڀياس ڪيو آهي، تہ ان جي لمبي نظم "روپ مايا" مان لڳي ٿو تہ شيام کي سنسڪرت ۽ هندي شاعريءَ، ديو مالا، ۽ ڪلچر جـي پوري پروڙ آهي. نظم جو مرڪزي ڪردار وشوامتر، بادشاهي

تياڳ ڪري، جوڳيءَ تي، جهنگ ڏو وڃي وسائي، جتي ڪيس مينڪا ناليءَ سونهن جو مرقعو نظر ڏو اچي، ۽ ان جي پيار ۾ تياڳ ۽ جوڳ وسري وڃيس ٿو— نظم جو مرڪزي خيال آهي عشق— جيڪو هر جذبي تي حاوي آهي.

هن نظم ۾ شيام جون ڪي سٽون لافاني آهن— جڏهن مينڪا درياهه ۾ وهنجي ٿي:

ڪٿن نه ٿرندڙ اسپرا جي نرم انگن کي لڳي،
نهڙ جون لهرون هٿي پٺتي چڙهي ڪجهه مٿيرو،
ٿورڙو ورڪائيءَ وسهر وانگي پاسيرو مڙي،
جسم کي پيهر ڇهي نيڪري ويون ٿي اڳيرو.

---

نهر مان ٻاهر اچي جڏهن لڳ سڪايائين پئي،
پنهنجو جوبن پاڻ ڏسندي، شڪجي شرمائڻ لڳي،
روپ جي هڪ ڇال ڪٿن بيءَ کي آپما تي ڏئي،
مرڪ لڄ ڇمڪائي تي لڄ مرڪ پهڪائڻ لڳي.

—اهي نه فقط عڪس آهن پر جيئرا جاڳندا، چرندڙ پرندڙ عڪس آهن.

۽ جڏهن وشوامتر ۽ مينڪا جو ميلاپ ٿو ٿئي:

ڇيلهه تي جڏهن ٿي رکيس هن هٿ، وئي هيسائجي،
اڏن ڏڪيس ڇاتي تي جڏهن ڇيڙي ڪوئي هنڊول راڳ،
پريم جي پاڪر ۾ ڪنبندڙ جسم ويو بس ويو سانت ٿي،
ڏيري ڏيري ڇڙ ويو خاموش ٿي هنڊول راڳ.

هن نظم ۾ شيام ڪيتي ڪرا هندي- سنسڪرت
لفظ ڪتب آندا آهن. مثال طور:
'گندرون جون ڇڻ مڌر پرتڪش ٿانون تي اڏيون'
پر اهڙا مثال خال خال آهن. ڪن هنڌن تي گرامر
صحيح نه آهي:

ها اِنهن جادو ڀريل **متوالي** نيڻن ڏي سدا-
هجڻ گهرجي "متوالن نيڻن ڏي".

مجموعي طرح شيام جو هيءُ ننڍڙو مجموعو 'پنکڙيون'
سندس وڏي شاعر هجڻ جي ثابتي آهي.

شيام جو ٻيون مجموعو "رنگ رتي لهر" سنه ١٩٥٦ع
۾ ڇپيو. هن مجموعي ۾ رڳو غزل آهن. هن کان پوءِ
وارا مجموعا 'واريءَ ڀريو پلاند'، 'آڇينديءَ ليج مران'،
۽ 'مهڪي ويل صبح جي' به رڳو غزلن تي مشتمل آهن،
۽ باقي ٻن مجموعن 'ماڪ ڀنا رابيل' ۽ 'روشن ڇانورو' ۾
به ڪافي انداز غزلن جو آهي. لڳي ٿو ته شيام اڳتي هلي
غزل سان لونءَ لاتي آهي. 'روشن ڇانورو' ۾ دوها، سورٺا
۽ ترائيل به غزلن سان گڏ آهن، ۽ 'ماڪ ڀنا رابيل' ۾
وايون ۽ هائيڪو (جن کي شيام "تصويرون" سڏيو آهي)؛
دوها، سورٺا، بيت، رباعيون ۽ نظم شامل آهن؛ پر شيام
جي سموريءَ شاعريءَ تي غزل ڇانيل آهي. هونءَ ته
شيام جنهن به صنف ۾ لکيو آهي، ان ۾ ماهر جي ڏي
انداز سان لکيو اٿائين، ۽ لڳي ٿو ته شيام کي هر صنف
تي قدرت حاصل آهي، پر غزل شيام جي مرغوب صنف

آهي. ان ڪري هتي شيام جي سيني مجموعن جي غزلن جو ڀرپور جائزو ورتو ويندو.

شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني، امداد حسيني، شمشيرالحيدري انهن جديد شاعرن مان آهن، جن غزل جهڙي ڏاريءَ صنف کي سنڌي ماحول جو ويس پارايو، ۽ منجهس روايتي رومانوي موضوعن بدران جديد زندگيءَ جون پيچيدگيون ۽ انقلابي موضوع شامل ڪيا.

شيام جي غزلن ۾ (سواءِ ڪن اوائلي غزلن جي) صاف، سلوڻي، فصيح ۽ روز مرهه جي ٻولي آهي.

غزل جي زمين ڏاڍي ماريل آهي. فارسيءَ ۽ اردوءَ وارن ڪا وٿي نه ڇڏي آهي، جو اُن ۾ ڪا تخليق ڪري سگهجي. قافيا رديف ڪُٽائي ڇڏيا اٿن. تشبيهون استعارا، تلميحون توڙي انهن کي ادا ڪرڻ جا اسلوب ۽ ڍنگ سڀ پراڻا ٿي چڪا آهن. اردوءَ جي جديد غزل جي به ساڳي حالت ٿي ويئي آهي، ۽ هيءَ صنف هرمعاملي کان ورجاءَ جو شڪار ٿي ويئي آهي. سنڌيءَ جي جديد غزل، خاص ڪري شيام جي غزلن جي اڀياس کان پوءِ لڳي ٿو ته نه اڃا غزل جي زمين ۾ ڪافي گنجائش آهي. اڃا ڪافي ڪنواري زمين پيل آهي جيڪا ڪيڙي نه ويئي آهي. شيام وٽ نه رڳو جذبن، ڪيفيتن، ۽ ڏسائن (Situations) جي اپٽار ۽ نگارش آهي، پر انهن جي کوجنا پڻ. اها کوجنا ئي شاعر کي

ڇو ته تخليق ڪار ۽ وڏو شاعر ٿي بڻائي. رڳو اهل ۽ ورجاءُ وچولي درجي جي شاعرن جو ڪم آهي.

شيام، غزل کي سنڌي ماحول ۽ ٻوليءَ سان رڱي، ان ۾ تخليق جي وڏي گنجائش پيدا ڪئي آهي — فارسيءَ ۽ اردوءَ جي ڳٽيل ٻوليءَ، لفظن، تلميحن، اهڃاڻن، ۽ استعارن بدران ته نون نج ڪنڌڙ لفظن ۽ محاورن سان غزل ۾ رنگ ڀريو ويو آهي ۽ تغزل جا نوان تجربا ان مٺيءَ تازگيءَ سان ڀرپور آهن:

شعر پڙهي سوچيم ڪوٺي، آئينءَ جڏهن،
ڇا ٻڌيو ڇا ٻڌجي ٻگڙيو ڇا ڇوان!

*

تو جو پهريو هئو اڇو سادو لباس،
ڇا نه رنگينيون ٻکيون پئي ان منجهان.

*

هيئن صبح جو وار وڌيل اهي ڏسي،
گهٽو شام جو ڪين تو پئي سنواريو.

مٿين سٽن ۾ نه فقط ٿاڻن (situations) ۽ جذبن جي اپٽار آهي پر ڪوجنا پڻ — تنهن هوندي به تغزل ڀرپور نموني ۾ موجود آهي.

شيام جي غزلن ۾ ڪيترائي اهڙا شعر ملندا، جن ۾ کوجنا (Discovery) آهي، پوءِ اها کوجنا رومانوي عڪسن جي هجي يا جديد پيچيده زندگيءَ جي عڪسن جي. انهن سٽن کي پڙهڻ سان ائين ٿو لڳي ڄڻ اهڙي ڳالهه

اُڪِ پڌل نہ آهي ـــ حالانڪِ اهي عڪس عام زندگيءَ جا آهن، جنَن ڏي ڪنهن جو ڌيان ئي نہ ويندو آهي:

آڏيئي اکيان ويٺي سينگار ڪيائين پئي،
پر ڏيئي پئي پيي اکِ اُن سون ۾ ئي اڙڪائي.

معصوم ابهم پار ۽ ماءُ جي هنج شيام جي پسنديءَ جا موضوع آهن؛ پر انهن جي ادائگي (Treatment) ڪيڏي نہ سادي، رومانوي، ۽ حقيقت پسندائي آهي:

ٻار ڪِني ڪنهن جي هنج مان وٺندي،
ڇا تہ دلڪش هئڳاءَ جو احساس!

*

ٻوڪود ۾ ٻالڪِني جنَن ٿڃ ڏني ويئي،
معصوم اڳهاڙپ تي پاڪيزگي للچائي.

*

ٿڃ ڏاڻيندي جو مشڪيو ٻار پئي چا جي ڪري،
شيام وڏندي ڦول ڪٿن تو ڦول ٿئي، سگهندين ڇئي!

*

لُوڏي هندورو شاخ جو گلزار ۾ صبا،
غنچي ۾ آهي ڦول ڪہ تنجڻ ۾ ٻار آهہ.

مٿيان موضوع، غزل جي شاعريءَ لاءِ ٻلڪل ڌي اوپرا آهن، پر شيام انهن ۾ غزل جي رمزيت پري، فنڪارائي انداز ۾ پيش ڪيا آهن.

رومانوي زندگيءَ ۾ بيانتها ڏاڍا (situations) اچن

ٽا۔ غزل جي شاعريءَ ۾، اُنهن مان ڪيترن ئي ٽاڻن جي اپٽار ڪئي ويندي آهي. ڪن ٽاڻن کي ته شاعرن ورجائي ورجائي، ايترو گسائي ڇڏيو آهي، جيئن پراڻي سڪي جا ڳنڍل اکر. شيام جي غزلن ۾ نت نوان اڻ ڇهيل ٽاڻا آهن۔اهڙا ٽاڻا، جن ڏي ڪنهن غزل جي شاعر جو ڌيان ئي نه ويو آهي. شيام جو مشاهدو وسيع ۽ احساس اونهو آهي. هو معمولي منظرن مان شاعراڻو حظ ٿو حاصل ڪري ۽ ان کي لفظن جو لباس ٿو پارائي:

چپ چپ منهنجيون اکيون ڍڪيم،
مون ته سڃاتم هٿ رکندي ئي!

*

ڳالهائڻ ته اڇهرو آهي،
لفظ لفظ پر ڳهرو آهي.

*

ڀر ۾ ويٺي ته اک کڻي نه ڏٺم،
ويندي ويندي مُڙي نهاريو ته.

*

مون ٿوڏي ٿهاريو ۽ تو مسڪرايو،
انهي ڳالهه کي ڇا ته دنيا هلايو.

*

شهر مان ٿي گهر ۾ آئس ديئر سان،
مسڪرايم ڪين ڪجهه منهن تان ڇيم.

*

رهنديون اکيون ته کين رئڻ کان سوا ڪڏهن،
پر لڙڪ روڪي صاف ڪي ڏسنديون نه ڇا ڪڏهن.

*

ڪلهه تو مون کي ڪيڏو چيڙيو،
آئينــي کــان اڄ لــڄ آيئه.

*

اٿي، ڇرڪي، بس ڪاوڙي، مسڪرائي،
لڪي ڪنهن ڪيس پير ۾ ڪتڪتائي.

*

عجب ڍنگــ آهن اوهان جي ڏسڻ جا،
نــه ڏاريــا لــڳو ۽ نــه پنهنجو لڳايو.

*

گل ڇهڻ ساڻ گل ٿــڙيــا گويا،
ڇرچي ڇرچي ۾ ائين بهار آئــي.

*

اسان ٻيهي گــڏ، گــڏ هٿاسين ڪٽي،
الائــي ڇــا سمجهو ٿــي دنيا پــريــان.

*

شيام صبح جــو مشڪئين ائين پئي،
ڇڻ تو سڪ جــي رات گــذاري.

*

هــت آلا ۽ ڪارا اٿــئــي،
شايد ڳوڙها شيام اُگهيا تو.

*

واپس ڪيئن ڪتاب، جو ان ۾ هيٺ پنڪڙيون!
ڪيڏو لڳين ٿي شيام رکو هون سياو ۾.

*

منهنجي اونده ۾ ڏئو ٻاري ويو،
هي نه ٿيو ڪانئس ڪٺي نالو پڇان.

هي ته ٿيا رومانوي ٽاٽا— پر رومان ڪان سواءِ به زندگي آهي. حياتيءَ ۾ ڪي ئي اهڙا پل اچن ٿا، جن ڪي شاعرانہ لافانيت حاصل ٿيو وڃي— جيڪي ذهن تي اڻ مٽجندڙ نقش ڇڏي وڃن. پر انهن اڻ مٽجندڙ نقشن کي شيام جهڙو حساس شاعر ئي پرکي، پروڙي، محسوس ڪري، لفظن جو روپ ڏيئي، هميشه لاءِ محفوظ ڪري ٿو ڇڏي—رومان، عشق ڪان سواءِ به آهي:

هئي نگاهہِ محبت نگاهہ پهرين ئي،
نگاهہ ٻي ٿي پٺي شيامِ هڪ نگاهہِ هوس.

*

آهٽون ٻڌندي صبح به ٿي ويو،
در تي رات نه ٺڪ ٺڪ ٿي ڪا.

*

ڪولي دري مون پر نه هئو انتظار ڪو،
بس آئي هير پاڻ-مرادو گهڙي اتان.

*

ڪيڏي امنگ ۾ اچي مون گل چني ڪنيو،
دل ۾ جو آنڌمانڌ ٿي ٿاري ٻسي ڏسي.

*

ڦٽي ننڊ پيو ڪاڻ ته ڪو در تي آهي،
۽ گهر ۾ هئي بس سڄي هيڪلائي.

*

هر دم راڳ هلي پيو، ليڪن
ڪنهن ڪنهن مهل ٻڌي ٿو ڪوڪو.

*

فقط واس چندن جو ڪمري ۾ هو،
ملڻ آءُ آيو هيس شيام سان!

*

ڏوپ ٻاري پنهنجي گهر پاڙيسري،
منهنجو گهر ڀرجي ويچي سرهاڻ سان.

*

آرسيءَ ۾ عڪس پنهنجو ڏسي،
شور جهرڪيءَ پئي ڪيو ڳچ دير ڪان.

*

ٻوٽن بابت ته سوچيو ئي نه هوم،
مون ته گل پوکيا ائين ئي شوق مان.

*

واقف ته پئي لڳو پر نالو نه ياد آيو،
ڪانئس نه مون پڇيو ۽ پاڻ ئي نه هن ٻڌايو.

*

الائي ڪم اهو نوريئڙن جو هئو ڪين هوا جو!
مگر ڪِريل هئا ڪيڏا نه ٻير ٻير جي هيٺان!

*

گهميس شهر ۾ ڪٿي اڪيلو اڪيلو،
تہ ڪو پاڻ جهڙو ملي ڪنهن گهٽيءَ ۾.

*

تون نہ سڄاتو مون نہ سڄاتہ،
مات رهياسين ڇاڪاڻ واٽ تي.

*

ڪي ٿي پيرا پاڻ ٿي پنهنجو در مون کڙڪايو،
مون پٺي پاتيو اندران ٿي ايندو منهنجو آواز.

*

ويهہ اوندهہ ۾ تہ موکي ٿي، دري کولي تہ ڏس،
ڪو ڪٺي مشعل متان گهر ٻاهران لنگهندو هجي.

*

پنهنجو رستو تہ سگهيو شيام ٻڌائي جيڪو،
پيرن ۾ نيٺ ويو پيرن جو حصو ٻڌجي.

*

شهر ۾ هيت هٿ شخص آهي جي مورت
جئن گنڀير لڳن،
پنهنجي اڱڻ ۾ سي تہ ڪڏهن ها
نچندا ٽپندا ٻار لڳا.

هي تہ شيام جي غزلن مان اهي چونڊ شعر هئا، جن ۾ ڪانہ ڪا نواڻ آهي — ڪنهن ٽانئي، ڪنهن ماڳ، ڪنهن عڪس يا ڪنهن جذبي جي ڪوجنا آهي. پر شيام جي غزلن ۾ اهڙا شعر عام جام آهن، جن ۾ شيام

جديد دور جي زندگيءَ جا عڪس چٽيا آهن ۽ هن دور جي ڪيترين ئي وٿن (objects) کي اهڃاڻ (symbol) طور ڪتب آندو اٿس. غزل عام طرح روايتي ۽ دقيانوسي استعارن يا اهڃاڻن سان ڀريل هوندو آهي، ۽ سنڌي غزل ۾ جديد زندگيءَ جا عڪس ٿورن شاعرن وٽ به ملن ٿا پر انهن عڪسن کي جنهن فنڪاريءَ سان شيخ اياز ڪتب آندو آهي اهو سندس ئي ڪمال آهي. شيخ اياز جديد عڪسن ۾ تغزل قائم رکيو آهي، ۽ غزل جي اشاريت ۽ رمزيت کي برقرار رکيو آهي. ڪن ڪن هنڌن تي وٽس تغزل سان گڏ گهري طنز ۽ مزاح پڻ آهي:

هڏيون به پيئي خطري جو چتاءُ،
هوڏي سخت ڪٽي جي ذات.

*

هردم موت جو هڪ احسان،
اڄ تم ڏنگ ۾ شيخ اياز حيات.

*

جنهن ٿي بتيءَ جو سج ڪيو آفت شيخ موڙن،
ڪمري جي فرش تان وڃي جهٽ ڪيڪي روشني.

*

ريل گاڏي جهنگ ۾ بيهي وئي،
هيٺ ماڻهو، جهنڊ تارن جا مٿان.

*

ميينهن ۾ هٿ ۾ پراڻو دستخط،
مان پڙهي گان ڪئين بچايان پاڻ کي.

چنڊ تارن سان رات پر ڳالهيون،
روز اخبار سان ٿي صبح ٿيو.

*

گهر ۾ بيشڪ اگربتيون ٻاريم،
گند گهر ٻاهران مگر هو پيو.

*

دوربينيءَ سان ڏٺم آڀ ۾ ترنجن هئو ڪيتي!
خوردبينيءَ سان مون جاچيو تن، مگر من هئو ڪٿي!

*

ڪٿي وٺي هئي ڪلهه رات هت برات جي دعوت،
غريب ٻار، ڪتا، ڪانو آيا صبح ٿيڻ سان.

*

ڪيو محفوظ قانون، ڪيو محدود قانونن،
بنان قانون ٽوڙڻ جي وڌڻ لاءِ واهه ٿي ڪهڙي؟

*

ملڪ جي حال تي ڳالهائيندي نيتا ڪنڌ جهڪايو،
ننگي ٿاري بيٺي لڄ کان منهن تي گهونگهٽ ڍاري.

*

رڪي رڪي ڏٺيو ته نهاريو مون ڏي ٽيڏين نظرن سان،
پر ويئو ٿي رهيس مان بس ۾ ڀاسيرو ٿي ڏارين جان.

*

پراڻن ڪتابن جي ڪيڏي سڙيل بو،
ڪباڙيءَ وتان ته به ڪجهه اڪ نه پيٺي.

*

ڪمري ۾ ھئي چپ چپاتي،
تنھنجي فوٽي چيڙي ٻات ۔

*

بجلي ٻڌيون ٻريون ٿي سڙڪ جي ٻنھي طرف،
پاڇين ٿي ھر قدم تي ڪيو مون لڳ انڌڪار ۔

*

صبح شفق جي سرخي اڀ تي،
ڍلي ڌوتھين ڳان تي ڪاري ۔

*

پڙھندي ڪھاڻي اوچتو بجلي ھلي وئي،
ڪردار پنھنجي جا تہ چڙھي روشني ويا ۔

*

ھن شھري زندگيءَ ۾ مشينن جي شور ۾،
اوزار تہ پنھنجو پاڻ سان ماڻھو سکي ويا ۔

*

ٻن ۾ پرسان ڪو ويٺو،
جسم جي خوشبو جو احساس ۔

*

اڄين ھوا جو جھونڪو آيو در کليو،
تنھنجو فوٽو پڻ ڪريو ديوار تان ۔

*

مان پريان ھوس اوٽ ۾ ويٺو،
ھو بس جو انتظار اڄين ۔

*

بس ۾ ڪٿي بس جي ڦيٿن سان ڦرندي گذري وقت،
هي گهر، دفتر، روڊ، نگر، پر من ته ڪٿي ٽڪر ٽانءِ.

*

ٻاهر آهي هڪ طوفان،
چاڪون ورنه لڏيو گلدان.

*

عڪس آواز جو ڏسجي ٿي نه ٿو،
تنهنجي فوٽي ۾، او گهائڻ وارا.

مٿين شعرن کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته اها شاعري اسان جي دور جي شاعري آهي. ويهين صديءَ جي شاعري آهي، ۽ شيام اسان جي دور جو، اسان جي جڳ جو، ويهينءَ صديءَ جو شاعر آهي.

شيام هيءُ شعر لکي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته غزل جي صنف محدود نه آهي. اُها وشال آهي. اُن ۾ هر دور جي عڪسن، احساسن، جذبن ۽ ٽوڙي پيچيدگين کي سهڻيءَ ريت سمائي سگهجي ٿو. رڳو ان لاءِ شيام جهڙي فنڪار جي ضرورت آهي.

هائيڪو شيام جي پسند جي صنف آهي. شيام سنڌيءَ ۾ بهترين هائيڪو چوندڙ شاعر آهي. غزل هجي، دوهو هجي، وائي هجي، بيت هجي، ٽوڙي رباعي— شيام ان ۾ ڪٿي ڪٿي هائيڪو جا اشارا (touches) ڏيندو ٿو وڃي. اهي تصويرون، جن ۾ وٿن (objects) کي وقت (time) ۽ ماڳ (space) ۾ معين ڪيو

ويو آهي، شيام جي غزلن ۾ غام جام آهن. انهن ڏو لڳي ته شيام جي غزلن جا اهي شعر "هائيڪو رنگ شعر" آهن — چٽا عڪس. غزل ۾ ٻوڙي پنهن صنفن ۾ اهو هائيڪو رنگ پيدا ڪرڻ رڳو شيام جي ئي وس ۾ آهي. هيٺيان شعر، گهاڙيٽي موجب ته غزل جا شعر آهن، پر موضوع ۽ treatment جي لحاظ کان جهڙا هائيڪو:

چٽا ٽيو، پير پريا گپ ۾!
جهولي ۾ پيٽيون، هٿ هنجاءِ.

*

ريل گاڏي جهنگ ۾ بيهي وئي،
هيٺ ماڻهو جهنڊ ڏارن جا مٿان.

*

مرڪ جي منڊ پسا وڻ پن ڇڻ جي ڪري،
مگر لڳي ٿو ڪشادو وڌيڪ باغ اچا.

*

پوڙهن بابت ته سوچيو ئي نه هوم،
مون ته گل پوکيا انهن ئي شوق مان.

*

اوندهه، وچ — وچ کان پوءِ اوندهه،
جنهن به ڏٺو سو ڪيئي اڻپورو.

*

گهرَ جي آڳر ۾ نئو ورنـي ويٺي وار سنواري ،
پٽ تي ويهي ڪانءُ چنهنب سان پنهنجا کنڀ لَساري ۔

*

جهلي ٻار کي ماءُ ڏمڪايو جڏهن پئي ،
مون کي ٻار سان ڪڏهن نه ڏٺي ريس پئي۔

*

وڻ چڙهي اڳيرو وڌي نه سگهيس ،
ڪن پئي پٽي رکي رکي ڪوُ هئو۔

*

سرد هوا ۾ وڌي سٽي پٽي وڻ جي سڪٽي ڏاري،
پا لوڙي پٽي پانهن مدد لئه ولهه ۾ ڪنهن ويچاري۔

*

رات مندر جون وساڻيون جڏهن بتيون ،
ڪيتري خوشبو مون کي وڌهي وڌي ۔

*

ساري رستي تي هئي هڪ ئي ڇتي ،
زور سان ڪيڏي نه بارش پئي پئي ۔

*

موم بتيءَ جي لاٽ وڌي ،
وٽ اچا پيئي آهي لال ۔

*

شيام چـرپر سڪل پنن ۾ به ٿيئي ،
ڇـا هوا صبح جي لڳي آهي ۔

*

متي ڏنل غزل جي شعرن مان لڳي ٿو، ته هائيڪو جو تاثر رڳو هائيڪو جي گهاڙيٽي ۾ نه، پر غزل ۾ پڻ پيدا ڪري سگهجي ٿو (شيام ته اهو تاثر رباعين، وائين ۽ بيتن، ۾ به پيدا ڪيو آهي). شيام غزل ۽ ٻين صنفن ۾ هائيڪو جي ملاوت جو هڪ انوکو تجربو ڪيو آهي، جيڪو نه فقط سنڌي شاعريءَ لاءِ انوکو آهي، پر شاعريءَ جي دنيا لاءِ ئي انوکو آهي. پر شيام جو هي تجربو فقط تجربو نه پر هڪ ڪامياب تجربو آهي.

شيام ڪن جپاني هائيڪن جي مرڪزي خيال کي جهٽي، غزل جي شعرن جي صورت ۾ آندو آهي اهڙيءَ ريت، جو لڳي ٿي نه ٿو ته ڪو اصل ۾ اهي ورتل آهن:

ٻهاري ڏيئي هاڻ نوڪر مڙيو،
پنيانئس ڪريا پن به ڪونديءَ منجهان.

*

سپ ته سرڪي گاهه تان ويندو رهيو،
پر اڃان پرنس اڃا پيو گاهه تي.

شيام جي غزلن ۾، حقيقت نيڪاريءَ سان گڏ گڏ، انسان دوستي، بي تعصبي، امن، ۽ محبت جا اعليٰ قدر موجود آهن. هن وٽ جنگ کان نفرت جا جذبا تمام چٽا ۽ پڌرا آهن. هن وٽ مقدس گنگا ته ڇا بستيون اجاڙي ٿي ته اها پڻ مقدس نه آهي.

جا اتي ڪائي ڪري بسنيون اجاڙ،
پل هجي گنگا جي ڌارا، ڇا ٿيو؟
هن وٽ مذهب جو مثبت ڪردار ساراهيل آهي،
تہ ان جي منفي ڪردار لاءِ ڌڪار:
دين ڪن لاءِ امن جو پيغام،
ڪن ڏنو جنگ کي ئي دين قرار.

*

خون ۾ ڪفنايل هي لاش،
مذهب ۾ دفنائڻ ڪاڻ.
هن جو ”موت کان پوءِ حياتيءَ“ جي باري ۾
ڇٽو ۽ پختو رايو آهي ـــ ۽ اهو حقيقت پسنديءَ وارو آهي:
سرڳ ۽ نرڳ مٿن جي جاءِ،
دنيا هيءَ ئي جيئرن لاءِ.

*

جيڙي سک جي گهڙي غنيمت ڄاڻ!
موت کان پوءِ اتي خوشي ڇاهي!
هن وٽ پيڙا جو بہ هڪ شاعرانو تصور آهي:
ڪوئي سک جي خاطر پيڙي،
۽ ڪو پيڙا ۾ سک ماڻي.
شيام غزل جي رمزيت ۽ اهڃاڻن کي ڪتب آڻيندي،
مذهبي پيشوا جي باري ۾ ڪهڙيءَ نہ سهڻيءَ ريت
رايو ڏنو آهي:
واعظ جو عمامو خوب،
جو ڳيءَ تي پيو ڏسُ تہ جڙاءُ!

هن وٽ ”ماڻهو“ محبت لائق آهي، چاهي ڪٿان جو به هجي. هو بين الاقوامي ڀائپيءَ جو قائل آهي:

ڳوٺ ڳوٺ منهنجو ئي ڳوٺ،
ماڻهو ماڻهو منهنجو ڀاءُ.

ڏيئي جي اجهاڻ ۽ مسجد ۽ مڙهيءَ جي اجهاڻ کي ڪٽب آڻي شيام کهڙو نه حقيقت پسنديءَ وارو ۽ سوز گداز ساڻ ڀريل شعر چيو آهي:

ٻري مسجد ۾ ۽ مڙهيءَ ۾ ڏيو،
پر نه ڏرمن جو اُنڌڪار ويو.

*

گرچه هي مسجدون مندر ٿيا آثار قديم،
نئين تعمير جي ڪا پيڙهه پڌايو ته سهي.

شيام اُن مسئلي تي سنڌ جي صوفين وارو ڏسي فيصلو ڏئي ٿو:

آخري منزل آهي ڪفر،
ڀڃريون ڏاڪو هو ايمان.

نرگن واد، ويدانت، تصوف ۽ سنڌي ڪلاسيڪي صوفيانسي شاعريءَ جي اونهي اڀياس سبب، شيام جي شاعريءَ ۾ انهن سڀني ڌارائن جو سهڻو ۽ وڻندڙ ميلاپ آهي:

تون لئه ڳوليم پئي آڪاس،
ٻڌه مان آيو تنهنجو واس.

شيام ترقي پسند به آهي، ته حقيقت پسند به. ڪٿي ڪٿي سندس شاعريءَ ۾ صوفياڻي رومانيت جهلڪي ٿي، پر تنهن هوندي به سندس شاعري سپني مفروضن کان آجي، سائنسي حقيقتن جي ترجمان ۽ سماجي انصاف ۽ انقلاب جي آئينه دار آهي. شيام جي شاعريءَ ۾ ڪٿي به سستي نعري بازي ۽ هلڪڙائپ نظر نه ايندي (سواءِ 'ماڪ ڦڙا' ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ اوائلي نظمن ۽ غزلن جي). انقلاب سان سندس ناتو اونهو، گهيرو ۽ مستقل آهي.

شيام جي غزلن ۾ خاص طور، ۽ سڄيءَ شاعريءَ ۾ عام طور، رواني ۽ سلاست موجود آهي، ۽ ان سان گڏ موسيقيت، نغمگي ۽ ردم توڙي اچارن جي لئه، جو هلڪو ۽ وڻندڙ تاثر ملي ٿو:

ڏچڻيون ڪنوٺيون سهڻيون ٻو به،
گهورڻ ڪيٽ ايائي ٻات.

*

ٿوارِٿي واري، ٻچ-وڏاري واري، ڇوڏاري واري،
رڻ آٿئو، ڪنهن ٻوڙي ڦان تي پاڻيءَ لاءِ پڪاريو.

شيام جي شاعريءَ ۾ توازن آهي. هن وٽ ردم اهڙو هلڪو آهي، جو ڪنن کي وڻي ٿو. هن جو ردم اهڙو زوراٿو به نه آهي، جو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ اڪرن ۾ آڙجي پوي، ۽ شعر جي معنوي اونهائيءَ تائين پهچي

نہ سگھي ـــ ردم شاعريءَ جو زيور آهي، شاعريءَ جي سونهن وڌائڻ لاءِ، ان جي سونهن کي ڍڪڻ يعني over shadow ڪرڻ لاءِ نہ آهي.

اسان جي دور جا ڪيترائي شاعر، لفظي ردم جي لاءِ زورائتا ۽ ڦاٽندڙ ۽ گونجندڙ اُچار ڪتب آڻي، وقتي واهہ واهہ تہ حاصل ڪن ٿا، پر ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جو ذهن اُن ڦاٽندڙ ۽ گونجندڙ ردم ۾ اٽڪي پوي ٿو، ۽ شعر جي اونهائيءَ (اهڙن شعرن ۾ اونهائي ٿئي بہ ڪانہ، پر جي هجي تہ ذهن بہ) تائين پهچي نٿو سگهي. شاعريءَ جو اصل مقصد آهي ڪو نياپو، ڪو سنيهو، ڪو خيال، ڪو عڪس، ڪو جذبو پڙهندڙ جي ذهن ۾ منتقل ڪرڻ، نہ ان جي ذهن کي اُچارن جي ڪاڪ محل ۾ ڦٽڪائڻ يا لفظن جي جادوگريءَ ۾ منجهائڻ. شيام جي شاعريءَ ۾، سندس هر شعر ۾، ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيڻ لاءِ هوندو آهي ـــ جيڪو هو پڙهندڙ کي ڏاڍيءَ سولائيءَ ۽ سهڻائيءَ سان ڏيئي سگهندو آهي. هو نہ پنهنجي ذات جو غلط استعمال ٿو ڪري، نہ پنهنجي ڏانو جو. هن وٽ پنهي جو خوبصورت ۽ وڻندڙ توازن آهي.

هڪ خط ۾ هو لکي ٿو: ”ـــ ها اهو ٻڌائينم تہ توکي تجنيس حرفيءَ (alliteration) جو ايڏو خفت ڇو آهي؟ ان تجنيس جي ڪري شعر ۾ ميناج برابر

وڏي ٿو، پر حد کان گهڻي ميناج جو ذائقو مٺو نہ پر
ڪوڙو ٿيندو آهي ، اها خبر اٿيئي" * .

شيام جي لفظي ترنم مان ئي معنوي ترنم نسري
ٿو — اٿين جيئن پڇ مان سلو نسرندو آهي :

ٿاريءَ تي گل، گل تي شبنم، شبنم تي چانڊوڪي،
ياد ڪندس پيو عمر تموري رات اها ڪالهوڪي .

پڙهڻ ۾ سليس ، روان — جي بيهڪ جون نشانيون
نہ ڏجن ، تہ بہ شيام جو مٿيون شعر ( ۽ ذري گهٽ
هر شعر ) پڙهندڙ کي پاڻ پڙهائي ٿو تہ پڙهڻ وقت ڪٿي
۽ ڪيتري ساهي کڻي :

جوين ۽ روپ ساڻ امنگ انڪ انڪ ۾
من ۾ نچي امنگ نچي من امنگ ۾ .

شيام، سچل سرمست جي ٽيڪنيڪ (جنهن موجب
هُن غزل کي ڪافيءَ جي موسيقيت سان همآهنگ ڪيو،
۽ ان کي پوءِ بيدل، نانڪ يوسف، خيرمحمد هيسباڻيءَ
اڳتي وڌايو ) تي هڪ لاجواب غزل لکيو آهي . اهو
غزل گهاڙيٽي جي لحاظ کان غزل آهي ، موسيقيت يا
ردم جي لحاظ کان ڪافي :

هڪ ئي اشارو پائي، ڪل ڪائنات چمڪي ،
نوري نگاهہ پوندي ڪِن ۾ حيات چمڪي .

---

* "ڪونج" — نارائڻ شيام نمبر — ١٠-١١-١٩٦٦ع،
بمبئي .

آواز رنگ لاتسو، ورتي خيال صورت،
ڏاتر جي ذات چمڪي، شاعر جي تات چمڪي۔

شيام جي غزلن جي هڪ ٻي خوبي آهي تغزل۔ تغزل غزل جي خوبي نه، پر لوازمو يا ضرورت آهي۔ تغزل کان سواءِ غزل لکڻ اجايو آهي، جنهن غزل ۾ تغزل ناهي اهو غزل نه آهي۔ تغزل لاءِ ٻي هن صنف ڪئي ايجاد ڪيو ويو آهي۔ پر تغزل ڇا آهي، ان جون ڪي ٻي وصفون definitions گهڙيون ويون آهن۔ ڪنهن زندگيءَ (Life) جي وصف ڪندي اهو چيو هئو ته ”اسان سڀني کي خبر آهي ته زندگي ڇا آهي — جيستائين اسان ان جي وصف ڪرڻ شروع ٿا ڪريون —.“

سو تغزل به ائين آهي۔ اسان سڀني کي خبر آهي ته تغزل ڇا آهي۔ پر جڏهن ان جي وصف ڪرڻ شروع ٿا ڪريون ته ان منجهيل سٽ جا ڇيڙا هٿ ٿي نٿا اچن۔

مختصر طور، تغزل آهي ٿوري ۾ گهڻو چوڻ، جنهن ۾ ڪا رمز هجي، ڪو اشارو هجي، ڪو اهڃاڻ هجي۔ شيام جي غزلن ۾ اهو تغزل هر جاءِ تي نظر ايندو۔ شايد ان تغزل جي ڪري ئي شيام غزل کي پنهنجي مرغوب صنف بنائي آهي۔ شيام جي غزلن ۾ ته تغزل آهي ئي، پر ان تغزل کي هن ٻين صنفن ۾ به ڪتب آندو آهي۔ هتي رڳو سنڌس غزل ۾ تغزل جي نمونن جا مثال ڏبا:

ديد جونْ دعوتون ازل لاڪون،
پوءِ بہ اج ٿـاڏين نيڻ نيرانـا.

*

سورج مکي ٻڻجي تو سونهري ڪيو هر ڏينهن،
۽ رات جي راڻي ٿـي هر رات بہ مهڪائي.

*

پـانءِ هڪ مرڪندڙ پريشاني،
هيءَ اسان جي حيات پـي چاهي.

*

مرڪي ڪنهن ڪـڙڪي ڪولي،
شيام ڪُليو اج ڪنهن جو ڀاڳ.

*

راحت ڏئـي نـہ هميشه راحت،
ڪڏهين غـم بـہ ضرورت آهي.

*

زنـدگـي مسئلا هـزار مـگـر،
مرڪ تنهنجي سڀن جو حل آهي.

*

ڪيڏي ڪومل مورت نڪتي،
پٿر جـي دل ڪـاڏي ويئي.

*

موت مفت ۾ ٿيو بدنام،
جنهن کي ماريو، ماريو حيات.

*

ڪوئل ڪاري ڪارا نيڻ،
نگه نگه ڇڻ مٺڙي لات.

*

ڪامل نه گناهن ۾ نه تقويٰ ۾ مڪمل،
افسوس ملي پشت نه شيطان نه خدا جي.

*

دل کي آهن دليل پنهنجا ئي،
عقل کي جن جي ڄاڻ ئي ناهي.

*

رستي تان نه ڪٽي ڪاهه ان کي شيام تراشين ها،
دنيا اڄ هئن ڪيئن ڪري ها پٿر جي پوڄا.

*

هيءَ دنيا جهڙي پيي آهي،
پوءِ به جاءِ جيئڻ جي آهي.

*

قولن سان سينگاريل نڪتين،
گهر ۾ واسُ اڇا پئسي آهي.

*

آئي آهي بهار جي موسم سوچين ويٺو ائين ڇا ڇا،
ڪوئل لنوندي، انب جهليندا پور، اسان کان پڇڻ سوا.

*

ڪوئي پروانو روڳاڪ ٻنجي ته ها،
جيڪڏهن شمع ٿئي ها نه اُن ڇلولي.

*

نقش تنهنجو ته ته هئن اڀري ها،
دوست منهنجي پس منظر ڏاران.

*

ٻر ور سونهن لياڪا پاتا،
پيار ته هئو ڪنهن ٻور ۾ ٻورو.

*

شيام ڇوڪري ۾ ڪشش ڪيڏي نه آ،
سائي وڻ تان پڪي پڪي آيو لهي.

*

ڪير تائين سمنڊ ڏسندي جئن ٽڪس، ٻوٽيم اکيون،
منهنجي آندر ۾ اٿيون لهرون ڪٿان هي اڻ لکيون.

*

سڏ نه آهي ڪير پاڙي ۾ اڃي آهي رهيو،
صحن ۾ ڪونڊيون اٿس موٽئي ۽ تلسيءَ جون رکيون.

*

ياد لڙڪن جو ڪري هڪ هڪ ڦڙو،
ڪئن وساريان شيام ٿهڪن جو شمار.

*

روشنيءَ سان ٻڪ مليو پرجي مون کي،
هٿ ڪٿي اپ ڏانهن ٻاڏائي ڏنم.

رات ڪاٽي انسان پنهي جاڳي،
نيٺ ڪنهن ڪنهن جي ننڊ چورائي؟

*

مسڪرائڻ هئي، موڪلائڻ وقت؟
پيار وڇڙڻ جي پڻ خوشي آهي؟

*

منهنجي گهر بس اهي ٻي تارا،
منهنجو اڱڻ جن چمڪايو پئي.

*

لفظن ۾ نه هئو ڪو مطلب،
خاموشيءَ پئي رمز رکي پئي.

*

تو چئي قول ڪيو هئن پڻ پڻ،
ان منجهان ڪهڙو پلا قل نڪتو.

*

پرم هيم نه وساري ڇڏيو اتائين موں کي،
مليو تنهن پاڻ جيان ڪيس بيقرار ڏٺم.

غزل ڌاري صنف آهي. سنڌيءَ جي غزل جي اوائلي شاعرن ان کي سنڌيءَ ۾ آڻي، ان کي سنڌي ماحول سان پيش ڪيو. گل، قاسم، فاضل ڏانهن هيءَ صنف سنڌيءَ ۾ اوپري نه پئي لڳي. حافظ، حامد ۽ سانگيءَ تائين غزل صاف سٿرو رهيو. اڳتي هلي، هن صديءَ جي ڏهين، ٽيهين ۽ پنجاهين ڏهاڪي ۾ غزل ۾ ايراني ماحول،

تشبيهون، تلميحون ۽ استعارا ڏونسيا ويا، ۽ هيءَ صنف سنڌ جي ماڻهن لاءِ اوپري ٿي پيئي شيخ اياز، شيام ۽ دلگير، نياز، گدائيءَ ۽ شيخ راز انهن اوائلي شاعرن مان آهن، جن هن صنف کي نه فقط موٽائي سنڌ جي ڌرتيءَ ۽ ماحول ڏي آندو، پر ان کي جديد دور جي ضرورتن موجب بدلائي نئون سوز ڏنو. ان ڏس ۾ شيخ اياز کيترائي غزل لکيا، جن کي هن پاڻ ”گيڙو ويس غزل“ سڏيو.

نارائڻ شيام جي هڪ به غزل ۾ اوپرو ماحول نه ٿو ملي. هن جي ذري گهٽ هر غزل جو ماحول سنڌي آهي. ڪٿي دهليءَ جي شهر جا نظارا آهن، جيڪو ڇڻ شيام جو پنهنجو مشاهدو آهي. پر شيام، غزل جهڙيءَ ڏاريءَ صنف ۾، سنڌي لوڪ ڪهاڻين جا ڪردار، سنڌ متعلق پراڻين يادگيرين جا عڪس اهڙيءَ نه فنڪاريءَ سان آندا آهن، جو غزل جو روايتي تغزل به نه ٿو زخمي ٿئي ۽ شيام پنهنجو اظهار به ڪري ٿو وڃي — حالانڪ ان دور ۾، جڏهن شيام جي شاعري نسري هئي، ته سنڌي غزل جو رنگ ڍنگ ايراني هئو. —

شيام، غزل کي سنڌي ماحول ڏي موٽائڻ، ۽ ان کي جديد تقاضائن جي لائق بنائڻ واري تجربي ۾ پنهنجي سيني همعصرن کان اڳيرو آهي. اهو انڪري جو هن ان تجربي ۾ غزل جي سيني فني لوازمن کي قائم رکيو آهي. نه فقط قائم رکيو آهي پر انهن ۾ وڌيڪ سونهن

پيدا ڪئي اٿائين. شيام جو اهو ڪمال رڳو غزل تائين محدود نه آهي. هائيڪو، ترائيل، سانيٽ، آزاد نظم، رباعي، جيڪا به صنف هجي، هن ان جي سيني فني لوازمن ۽ ضرورتن جو اونهو مطالعو ڪري، ان کي سنڌي ويس ڍڪائي، ان کي اجاريو ۽ پنهنجو ڪيو آهي ــ اهڙيءَ طرح، جو هڪ طرف آن ۾ ڪابه فني ڪوتاهي نه رهي، ته ٻئي طرف سنڌيءَ ۾ اها صنف اوپري نه لڳي.

شيام جي غزلن جي هيٺين شعرن ۾، سنڌ جي يادين جا عڪس آهن ــ چٽا، صاف، ۽ جذبن سان پيريل:

الا هــي صاف اڀ، اڏرانت جي خاموش چاندوڪي،
جو ڏسندو هوس نوشهري ۾ هيءَ ئي ماهتاب آهي؟

*

رسالو شاهه جو جنهن شيام سان ڪٺي وينس،
ڪيو هو پهه ڪو پتنگن اچي ڪريا ٿي ٻتيءَ تان.

*

الا ائين نه ٿئي جـو ڪتابن ۾ پڙهجي،
تـه هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.

*

ٿر جون پٽون پريءَ ۽ پري سنڌ جون پٽون،
اڄ پاڻ وٽ ڪو شاهه نه ڪا مارئي ڏسان.

*

وطن ڇڏڻ وقت مون ٿي سمجهيو ڪندو نه ڀلجي ڪو ياد ليڪن،
اياز، احسان، راز پارا ڪي قرب وارا اچا به آهن.

گنگا جمنا امرت،
ليڪن تيج تہ سنڌو آهي.

*

ننڊپڻ ۾ شيام، گهاريم جي ڪلفٽن جي بيچ تي،
اڄ بہ تنهن پُرشور اوپاريون ۽ لهواريون گهڙيون.

*

شيام، لڙائيءَ لهرن خاطر،
سنڌو تانگهي سمجهي ويٺي.

هي تہ هئا ڪجهہ عڪس يادين جا، سنڌ جي يادين جا، جيڪي سدائين شيام جي لاشعور ۽ شعور ۾ روشن آهن. سنڌ جي نيم تاريخي لوڪ ڪهاڻيون ۽ انهن جا سورما ۽ سورميون بہ شيام جي لاشعور ۾ سمايل آهن، ۽ هنڌين ماڳين سندس شاعريءَ ۾ اُڀري ڏيئي نڪرن ٿا — غزل هجي، هائيڪو هجي، نظم هجي — شيام ان کي ضرور سنڌي ويس پهرائي ٿو — سنڌي، نيم تاريخي لوڪ ڪهاڻين جي ڏاڻن، ماڳن ۽ ڪردارن کي ضرور ان ۾ آڻي ٿو؛ انهن سڀني ڪهاڻين ۽ ڪردارن مان البت مومل راڻي سان شيام کي گهڻي رغبت آهي:

ڪاڪ ڀڪي ٿي، هئي جيسين ڪنواري مومل،
هيءَ راڻي جي ونڃي ٿي، تہ هو ويرانو ٿيو.

*

ڪاڪ جي ڪپ تي ڪمل ڪومل، ڪمل بدني ڪنوار،
گل ڪماڻا، لڳ وساڻا، آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

ڪاڪ جي ماڙي رات نه چمڪي،
مومل ويني شمعون ٻاري.

*

چاندوڪيءَ کي ياڪ ٻِ ٻاري،
سونهن سٿ هئي ڪاڪ ڪناري.

*

چهرو چنڊ، چڪور نگاهون،
مومل ور جي واٽ نهاري.

*

مومل مومل سڀ سمجهايو،
ڪو ڪو راڻو جنهن سمجهايو.

*

ڏاڪڻ ڪاڪ، ڏسڻ ۾ آئي،
ماڙيءَ تي ڪنهن مومل ماڻي.

شيام، مومل راڻي جي ڪهاڻيءَ جي ماڳن ۽ ڏاڻن مان اهي نڪتا نروار ڪيا آهن، ۽ تغزل جا اهي نمونا پيش ڪيا آهن، جيئن ڪي فارسيءَ ۽ اردوءَ جا شاعر ليلي مجنون، شيرين فرهاد، بهزاد ماني ۽ ٻين قصن مان آڻيندا هئا. شيام سنڌي تلميحن کي غزل ۾ اهڙيءَ ريت سجايو آهي، جو اڻين پيو پانئجي ته غزل آهي ئي سنڌيءَ جي صنف

مومل راڻي جي داستان کان سواءِ، شيام سسئي پنهون،

سورٺ راءِ ڏياچ، عمر مارئيءَ، جي داستانن کي به ساڳيءَ ڏي فنڪاريءَ سان غزل ۾ آندو آهي:

آس جي قيمت پڇ سسئيءَ کان،
جنهن کي رات رڻن ۾ پيئي.

*

قصو قديم آهي هي سهڻيءَ جو شيام پر،
چانئي ڏي دل ته ڪوئي ٻڏو ڪٺن ۽ ڪٺن ترپو.

*

نينهن ڪرائي ننڊ ابد جي،
سورٺ سِر ۾ ڏيئي لولي.

*

ٿر جون پٿون پري ۽ پري، سنڌ جون پٿون،
اڄ پاڻ وٽ ڪو شاهه نه ڪا مارئي ڏسان.

*

پياس ٻڏڻ سان ڪين ڪي لهندي،
سهڻيءَ کي ڪنهن سمجهايو پئي.

شيام جو هيئيون سچو غزل، سنڌي لوڪ ڪهاڻين جي ماحول ۾ تغزل جو سهڻو مرقعو آهي:

حسن ته ڪومل جادو آهي،
جادو تنهنجي ڪوُ ڪوُ آهي.
ڪنڌ مٿي نرگس نه ڪنيو چو،
پنهنجي اک جو جادو آهي.
چيٽ پپهري هير ڏکڻ جي،
ڦهلي سوني خوشبو آهي.

ويراني ڪنديءَ تي ڳيرو،
مان آهيان هوُ هوُ آهي.
ٻي ڪا آهي دل جي ٻولي،
هندي ناهه نه اردو آهي.
گنگا جمنا امرت امرت،
ليڪن ٿيج ته سنڌو آهي.

*

شيام هڪ خط ۾ لکي ٿو: ”اسان جي لوڪ پريم گيتن جي پس منظر ۾ اسان جون لوڪ پريم ڪهاڻيون ئي رهنديون. ٿورو ڏيان ڏيندين ته ڏسندين ته مسلمانن جي اٺن صدين جي حڪومت بعد به اسان جي لوڪ گيتن ۾ ليليٰ مجنون، شيرين فرهاد جهڙيون آڪاڻيون پنهنجي لاءِ قابل غور جڳهه وٺي نه سگهيون آهن. ساڳئي وقت رام ۽ ڪرشن جون ليلائون به ڪا جاءِ والاري نه سگهيون آهن*.

شيام جي شاعريءَ جي گهاڙيٽن ۾، غزل گهٽا آهن - ۽ اهي غزل صاف سلوڻيءَ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ لکيل آهن. شيام هندستان ۾ رهندي، ٻين سنڌي شاعرن ۽ اديبن وانگر هنديءَ جو اثر قبول نه ڪيو آهي. سندس سنڌي اهڙي صاف آهي، جو سنڌ ۾ رهندڙ شاعر

* ”ڪونج“، نارائڻ شيام نمبر - بمبئي ١٩٦٦ع، صفحو ٢٩.

۾ نثا لکن، هن، جي غزل ۾ نواڻ آهي، ڪو جنا آهي، جديد پيچيده زندگيءَ جا عڪس آهن، هن صديءَ جا مسئلا آهن، سنڌي ماحول آهي. هن وٽ لفظي ردم آهي، پر هلڪو سانهڙو جو پڙهندڙ جو ذهن ان ۾ اٽڪي نه پوي ۽ اصل خيال ڏي راغب ٿئي. هن جي غزلن ۾ نغمگيءَ ۽ فڪر جو توازن آهي.

شيام جا اڪثر غزل غير مردف آهن. هن فقط اوائلي دَور جي غزلن ۾ رديف استعمال ڪيو آهي ۽ اڳتي هلي بنا رديف جي غزل لکيا اٿائين، ان ڪري، جو رديف خيال کي محدود ڪري شاعر کي لفاظيءَ ۽ قافيه پيمائيءَ تي مجبور ٿو ڪري. بنان رديف واري غزل ۾ شاعر کي نسبتاً وڌيڪ آزادي ٿي ملي.

شيام جي غزلن جي اڀياس مان لڳي ٿو ته شيام اسان جي دَور جي غزل چوندڙ شاعرن جي صف اول جو شاعر آهي. هُن غزل جي سڀني فني ضرورتن ۽ لوازمن کي قائم رکندي، ان جي ٻوليءَ، ماحول، تلميحن، تشبيهن ۽ استعارن کي مقامي رنگ ڏنو آهي ۽ اهو به اهڙيءَ فنڪاريءَ سان، جو هن صنف جو اصلي روح به قائم رهي، ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ اها اوپري به محسوس نه ٿئي.

شيام جي ٽئين مجموعي 'روشن ڇانورو' ۾ دوها ۽ سورٺا آهن ته ان ۾ دوهن ۽ سورٺن سان گڏ بيت پڻ آهن. دوهو ۽ سورٺو، ڪلاسيڪي هندي شاعريءَ جي به سٺي صنف آهي، ۽ بيت سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ

جي. شيام وٽ اهي ٻيئي صنفون پنهنجي ڪلاسيڪي وچاءَ سان موجود آهن. انهن قديم صنفن ۾ پڻ شيام جديد دؤر جي تقاضائن کي شامل ڪيو آهي:

ڪهڙان آسڙي چانوڙي! ڪير پينهنڊو جنڊ،
ڪير ٿڦيندو روٽلا، هي ٿارا يا چنڊ؟

*

ڇنيون لڱل رنگين ڪيڙيون آن ٿي آس جون،
هي دل آهي ڪي ڪا گودڙي فقير جي!

*

جذبن جي ڪوجنا سان ٿوانڻ سان انو ڪا عڪس شيام جي هر صنف ۾ موجود آهن:

سندر ڪونہ وڏيڪ ڏسجي ڇيڄ ۾ ڪنوار ڪان،
چنڊ پيڄ جو ليڪ تہ بہ ڪو تارا مٽ پون!

*

مٽ پيڙي گهارڻ ڪلي ڪنجوسن جي ڪار،
رنگ ماڻ سرهاڻ ڏي، گل ٿي، جڳ ۾ گهار!

'ماڪ ڦڙا رابيل' ۾، شيام هڪ انوکو تجربو ڪيو آهي. هن مسلسل دوها ۽ سورٺا لکيا آهن، جيڪي نظم جي صورت ۾ آهن. انهن نظمن ۾ موضوع ۽ مرڪزي خيال شروع کان آخر تائين ساڳيو آهي، ۽ ماترائن ۽ قافيي جي لحاظ کان دوها ۽ سورٺا آهن. شيام انهن نظمن کي عنوان بہ ڏنا آهن: رات، پيچ پني، مرڪ پري مورت مٺي، وغيره.

شيام جا ڪي ٻه ٽي سورٺا، ٽوڙي بيت هائيڪو ٽيڪنڪ آهن. انهن ۾ هائيڪو وانگر تصويرون آهن:

پٽر ڪرندي ٻي نديءَ ۾ جيئن ٿيو آواز،
ٻير تي جهنڊل وڻ منجهان پکيءَ ڪيو پرواز.

*

ڇت تان ڇاپوڙا لٽڪيل، ڪبر جا ٺپيشا ڇوڙي،
سج پيچائي پسوري، خالي هن مڪان ۾.

*

گهلي مٿي طوفان ۾، ٻوڙي رڪت رڪت ماڻهه،
قبرستان ماڻهه، سرڪيا پٽي پاپوهه مان.

*

او سنگيت سڄاڻ ٻڌ، او سنگيت سڄاڻ،
ٽيڏر ڪوئل ساڻ، شرط رکي ڳائي پيو.

*

ايڏي ڦهلي روشني، اُس ٿي ايڏي سخت،
پنهنجي ڇانو درخت ويو سميٽي پاڻ ۾.

ان دقيانوسي صنف ۾، شيام پيار ۽ بي تعصبيءَ سان پيريل جذبا پيش ڪيا آهن، جيڪو موضوع شاعريءَ لاءِ ته پراڻو آهي، پر شيام وٽ نت نئون ٿو لڳي:

ڏسيو هزارن رهبرن، هڪ ئي راهگذار،
رستا هيئن هزار، هڪڙيءَ گمراهيءَ ڪيا.

شيام جي شاعري گهڻي قدر تجرباتي آهي، هن هر صنف ۾ موضوعن جا تجربا ڪيا آهن. هو سنڌي شاعريءَ

۾ "ترائيل" جو بنياد وجهندڙ آهي. شيام ڪان سواءِ هري دلگير ۽ هرِيڪانت به ڪامياب ترائيل لکيا آهن. اڄڪلهه سنڌ توڙي هند ۾، هيءَ فرانسيسي گهاڙيٽو نوجوان شاعرن جو مقبول گهاڙيٽو ٿي پيو آهي. اُن سٽن جو هيءَ گهاڙيٽو ورائيءَ جي ڪري مترنم ۽ اثرائتو ٿي پيو آهي. "روشن چانڊوري" جو پهريون ٿي ترائيل سنڌ جي محبت سان پريل آهي:

سنڌ کي ڪوئي ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان،
سنڌ سنڌين ۾ وسي، سنڌ هِتي سنڌ هُتي،
ملڪ بئجي ٿو مٽيءَ سان ته مگر ماڻهن سان،
سنڌ کي ڪوئي ڇڏائي ڪو سگهي سنڌين کان.

ترائيل جهڙي اوپري صنف به شيام وٽ ڇڙ مقامي آهي. ڪير چوندو ته هيٺيان به ترائيل هن ماحول ۽ هن مٽيءَ جا نه آهن:

ڦاڳ آيو، ڳاءِ هوليون، رنگ سان هولي رچاءِ،
آهي هر موسم کي پنهنجو راڳ ۽ پنهنجي ورنهن،
جِتن، جڏهن، جيڪو ملي سو ٿئن، تڏهن موقعو مناءِ،
ڦاڳ آيو، ڳاءِ هوليون رنگ سان هولي رچاءِ.

مٿين ترائيل ۾ ڦاڳ، هولي، رنگ فرانس سان دور جو واسطو به نه ٿا رکن. ڪهڙيءَ نه فنڪاريءَ سان شيام هن ڌاريءَ صنف کي سنڌيءَ ۾ ڦٻائي ويو آهي!

هڪ پيو ترائيل:

جهلمل ڪندڙ حسين ستارن جي ميڙ ڏي،
ڏسندي مٿي تان ڪنهن جي رڏو ئي ڪري پيو؛
ٿالو نڪت نڪت جو ٻڌي شوق سان تڪي،
جهلمل ڪندڙ حسين ستارن جي ميڙ ڏي؛
اپ ڏانهن هيءَ ڏسي ۽ ڪو ڏانهس پيو ڏسي،
نظرن کي سڪ ۽ سونهن جو مرڪز ملي ويو؛
جهلمل ڪندڙ حسين ستارن جي ميڙ ڏي،
ڏسندي مٿي تان ڪنهن جي رڏو ئي ڪري پيو.

مٿيون ترائيل سچو ڏنو اٿم، جو ان ۾ سچو ڪمال پهرين ٻن سٽن ۾ آهي. مٿي تان رڏو ڪرڻ رڳو مشرقي، خاص ڪري سنڌي سماج جي تصوير آهي. ۽ هن ترائيل ۾ شيام 'هائيڪو رنگ' پريو آهي. شيام وٽ تجربن، ۽ ڪامياب تجربن، جي ڪوٽ ڪانهي. فرانسيسي ترائيل جهڙي اوپري ۽ سنڌيءَ ۾ تازي آيل گهاڙيٽي ۾ جپاني هائيڪو جو تاثر پيدا ڪرڻ، ۽ انهن ٻنهي فرانسيسي گهاڙيٽي ۽ جپاني تاثر کي نجي سنڌي عڪس، "مٿي تان رڏو ڪرڻ"، ۾ سمائڻ، منهنجي خيال ۾ ته شاعريءَ جي فن جو ڪمال آهي. شيام جي شاعرانيءَ عظمت جي ثبوت لاءِ هڪڙو هيءَ ترائيل ئي ڪافي آهي، جنهن ۾ هن ٽن ملڪن جي شاعرانين ڌارائن جو حسين سنگم پيش ڪيو آهي، ۽ اهو به اهڙيءَ طرح، جو ڌارين ڌارائن جي ڌارئي هجڻ جو احساس ئي نه ٿو ٿئي.

شيام جي شاعريءَ جي اپياس ڪندي لڳي ٿو ته

غزل کان پوءِ شيام جو ٻيو نمبر مرغوب گهاڙيٽو ”هائيڪو“ آهي. چوٿو ’تصويرون‘ جي عنوان هيٺ، شيام جي لکيل هائيڪن کان سواءِ، شيام جي شاعريءَ جي ذري گهٽ هر گهاڙيٽي ۾ هائيڪو جو تصور ملي ٿو. بيت هجي، وائي هجي، غزل هجي، ترائيل هجي، دوهو سورٺو هجي ــــ سڀني گهاڙيٽن ۾ شيام ڪٿي نه ڪٿي هائيڪو جا اشارا (touches) ڏنا آهن.

’ماڪ ڀنا رابيل‘ ۾ شيام پنهنجي هائيڪن کي ”تصويرون“ سڏيو آهي. هائيڪو آهن به تصويرون. جيڪي ٿانگ گهرائي جي تصويرن وانگر ”خال کي ڀرڻ کان سواءِ ئي پرين ٿيون“.

هائيڪو شاعريءَ جي فن ۽ تاريخ تي مون به مضمون لکيا آهن*. انڪري انهيءَ جي فني ضرورتن کي هتي نه ٿو ورجايان، پر اهو چوڻ ضروري ٿو سمجهان ته پهرين شيام ۽ پوءِ شيخ اياز اهڙا سنڌي شاعر آهن، جن کي هن جپاني گهاڙيٽي جي اونهائيءَ تائين پهچي سگهيا آهن، سنڌيءَ ۾ اهڙا هائيڪو تخليق ڪيا اٿائون جيڪي ان جي اصلي روح کي قائم رکيو اچن. مختصر طور، هائيڪو هڪ عڪس آهي، جذبي سان ڀريل عڪس. اهو معروضي عڪس آهي، جيڪو ڪنهن ’وٿ‘ (object) کي وقت ۽ ماڳ (Time and Space) ۾ متعين ٿو ڪري، ۽ ان ۾ موسم (season) جو عنصر ضروري آهي. ان

---

* ”مهراڻ“ ٽماهي، ١٩٨٦١ع ۽ ١-٢/١٩٧٧ع

جو ڳهاڙيتو آهي ۵، ۷، ۵ اکر، ۽ پهرين ۽ پوئين سٽ جو قافيو ساڳيو هوندو آهي.

شيام جا هائيڪو ڏسو ۽ پڙهو:

تارا سهس هزار،
هو ماناري تي مکيون،
ٽيڪي روشن لار.

*

ڏيئي ڪنڌ کي ٻانهن،
کٽ تي ليٽي پئي تڪيم،
رات ستارن ڏانهن.

*

موڪل واري ڏينهن،
چانڊوڪي تي بيٺس اچي،
اڄ به اچي پيو مينهن.

*

ٻوٽڙا رنگين،
ٻار ته گڏجي ماءُ سان،
هاڻي هلندا ڪين.

*

ساز رکيل پٺ سان،
بند اکيون چپ گھاٽو،
واڳون سڀ رهان.

*

سينور چڙهيل ٿلاءِ،
ڏيڍُر ٽپ ڏنو مگر،
لهرن جو نہ لکاءُ.

*

هي چر، سرَ ۾ ڪانهن،
ڪپڻن چيڪجي آيس هٿي،
ويس پئي ڪيڏانهن.

*

ماڻ ڏنس، پئي مار،
پوءِ بہ چنبڙي ماءُ کي،
سڏڪيو پٽي جو پار.

*

پونئين ڪينارين ڪنگ،
ڪاغذ تي اوندا سنوان،
پار لکيا پٽي انگ.

*

گليءَ گليءَ ۾ شور،
اونهاري جون موڪلون،
پار ٻڳڙ ۾ ڏور.

*

در ڪڙڪايو واءُ،
ڪوليم پر ڪنهن کي ڪلي،
چوان تہ اندر آءُ!

پکڙيم پڻي پوپٽ،
سهڻي سهڻي ڦول ڪي
ائين لڳي ويو جهٽ۔

*

ڪانوَن جي ڪان ڪان،
نوريٽڙو چيچڙي وٺي،
موٽرَ تيزيءَ سان۔

*

پٽ تي ٿيو ڦهڪو،
ڇت تان هڪ ڪرڙي ڪري،
هانوَ اندر دهڪو۔

*

گندو نالو ٻوهه،
ٻيٺل پاڙيءَ ۾ ٻڪري،
سج جي روشن روهه۔

*

ساز رکيل پٽ ساڻ؛
بند اکيون ڇپ ڳائڻو،
راڳڻ ساڻ رهاڻ۔

*

چوڏس چانڊاڻو،
اڳيان رسالو شاهه جو،
سر مومل راڻو۔

سنجها جي تائيسي،
مترڪي پڇڻ لڳي، پلاءِ
بڻني رڪان آڏي!

*

هيڏا اسريا ڳاهه،
راڻي ڏاران ڪاڪ جي
ڪير لتاڙي راهه.

*

ريڊيو، سنڌي راڳڻ،
چاءِ پيالي چپن تي،
ننڊ نيڻين نه جاڳڻ.

*

ڪوئل جي ڪونجار،
دونهون جيٽ جهاز جو،
هي جمنا جي ڌار.

هنن هائيڪن ۾، سنڌي ماحول سمايل آهي، راڻي ۽ ڪاڪ جو ذڪر آهي، چانڊاڻ ۾ شاهه جو رسالو کليو پيو آهي، ڪٿي جديد زندگيءَ جا عڪس آهن: جيٽ جهاز، ريڊيو تي سنڌي راڳڻ ۽ چپن تي چاءِ پيالي.

*

ڪن جپاني هائيڪن کي شيام اهڙيءَ فنڪاريءَ سان سنڌيءَ ۾ سمايو آهي، جو اهي جپاني نه ٿا لڳن، جيئن باشوءَ جو سينواريل ٽلاءُ وارو هائيڪو، شيام

جي هائيڪن کي پڙهي ان نتيجي تي پهچجي ٿو ته ٻوليءَ لاءِ ڪا به صنف اوپري نه آهي - رڳو ان کي شيام جهڙن شاعرن جي فنڪارانه ڇهاءَ جي ضرورت آهي. هائيڪو جي گهاڙيٽي ۾ به شيام جي تخليق ۽ گوناگون مشاهدو - سڀ چوٽ تي آهن. مار کائيندڙ ٻار جو ماءُ کي چنبڙي سڏڪڻ، اونهاري جي موڪلن ۾ ٻارن جو ڦڙن تي شور ڪرڻ، گندي نالي جي مٿاڇري تي سج جي روشني روح ظاهر ٿيڻ، موٽر جي ٿورينڙي کي ڇيڙڻ تي ڪانون جي ڪان ڪان، اهي سڀ ماڳ ۽ ٿاڻا شاعريءَ لاءِ انوکا، نوان ۽ جديد آهن.

وائيءَ جي ڪلاسيڪي صنف کي سنڌيءَ ۾ ٻيهر رائج ڪرڻ ۾ شيخ اياز، نارائڻ شيام ۽ ٻردي سنڌيءَ جون ڪوششون شامل آهن. شروعات شيخ اياز ڪئي، هو اڄ تائين وائيءَ سان نباهيندو اچي. نارائڻ شيام جون وايون اڻساهه ترنم ۽ روانيءَ جون حامل آهن. هن ورائيءَ واريءَ سٽ جي زوراڻتي اثر کان ڪم ورتو آهي، جيڪو وائيءَ جي گهاڙيٽي جي فن جو ٽيڪنيڪي راز آهي - ورجاءَ واري سٽ بار بار اچي مرڪزي خيال کي وڌيڪ اثرائتو ٿي بنائي. ڪافيءَ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن وائيءَ کي وساري ڇڏيو. هن دور ۾ اياز، شيام ۽ بردي ان کي ٻيهر جياريو ۽ اڄڪله اهو نوجوان شاعرن جو مقبول گهاڙيٽو ٿي پيو آهي.

ناراڻ شيام جون وايون جيئن ’ماڪ پنا رابيل‘ ۾ شامل آهن، آهي روايتي سنڌي لوڪ ڪهاڻين تي مشتمل آهن، جيئن:

نڪري پيو آڪاس - راڻو آيو ڪاڪ تي۔

پر اهڙين واين ۾ شيام، روايتي رنگ ۾ پڻ نواڻ پيدا ڪئي آهي:

منڙي منڙي مرڪ فضا جي،
سرهو سرهو سواس -
راڻو آيو ڪاڪ تي۔

سيج جون سونيون باڪون جهلڪن،
سون ورن احساس -
راڻو آيو ڪاڪ تي۔

هڪ ٻي وائي به مومل راڻي جي موضوع تي آهي. مومل راڻي جو موضوع شيام جي پسند جو موضوع آهي، ۽ هر پنهنجي گهاڙيٽي — غزل، بيت، رباعي، هائيڪو، وائي ۽ نظم — ۾ شيام ان کي آندو آهي:

تنهنجو ناتو راڻا،
مومل لئه سمجهائي۔
پونئر پنيوليا جن تي،
سي ترڪنور ڪوماڻا -
مومل لئه سمجهائي۔

اهو ته ٿيو روايتي رنگ۔ هي ۽ دقيانوسي ۽ آثار قديمه جي صنف، جنهن کي پوءِ اينڊز ڪلاسيڪي

شاعرن ساريل سمجهي چڏي ڏنو هئو، ان ۾ شيام کيتريون نه کوجنائون کيون آهن ۽ ان ۾ کهڙا نه نوان تجربا ڪري نوان رنگ پيريا اٿائين:

ڪوئل جي ڪونجار، مون نه جوانيءَ ۾ لکي.
پوپٽ نچندا ڏسي رهيا،
رنگ رتي جهنڪار، مون نه جوانيءَ ۾ لکي.
وڄ نيجوئي نور جو،
تارن جي بازار، مون نه جوانيءَ ۾ لکي.

هن وائيءَ ۾ ”رنگ رتي جهنڪار“ ۾ موسيقي ۽ رنگ رلمل آهن، ته ”تارن جي بازار“ ۾ نواڻ آهي، جيڪا وائيءَ جي گهاڙيٽي لاءِ نئين آهي.

هڪ ٻي وائي:

ٽانڊاڻي جي لاٽ ــ رات انڌاري پنڌ گهڻو.
هڪ وک کڻندي روشني، ٻي وک کڻندي ٻاٽ،
ٽانڊاڻي جي لاٽ ــ رات انڌاري پنڌ گهڻو.
ڪنهن ڪنهن مهل هتان هتان، رکي رکي چمڪاٽ،
ٽانڊاڻي جي لاٽ ــ رات انڌاري پنڌ گهڻو.
بوند بوند هيءَ روشني، اوندهه نبجي اساٽ،
ٽانڊاڻي جي لاٽ ــ رات انڌاري پنڌ گهڻو.

هن وائيءَ کي پڙهي، لڳي ٿو ته شيام ”هائيڪو رنگ وائي“ لکي آهي. ”ڪنهن ڪنهن مهل هتان هتان،

رڱ ۾ رڱي چمڪاٽ“. هائيڪو جو رنگ آهي، جيڪو شيام هن وائيءَ ۾ آندو آهي. پر ان ”هائيڪو رنگ“ آڏو جي باوجود شيام وائيءَ جي ’گهاڙيٽي‘ ۽ ’مزاج‘ جون سڀ فني ضرورتون پوريون ڪيون آهن:

جرڪي پيئي جوءِ، چيٽ جي سونيءَ آس ۾.
سنهيران ڪونج نه اگهه ڏڙيا مرڳرا هيٺ ڏيءَ روهه،
چيٽ جي سونيءَ آس ۾.
گونجي پريان مڙهيءَ منجهان، صاف سڳيءَ جي هوءِ،
چيٽ جي سونيءَ آس ۾.

ان وائيءَ ۾ ”چيٽ جي سوني آس“ ۽ ”مڙهيءَ منجهان سڳيءَ جي هوءِ“ روايتي سنڌي شاعريءَ مان کنيل عڪس آهن. پر انهن کي آڏو جو انداز (treatment) اهڙو استاداڻو (masterly) آهي، جو اهي موضوع ۽ اهي عڪس نت نوان ٿا لڳن. جيئن فرينچ شاعر ڪاشو چيو آهي: ”ڪا عام شيءِ کڻو، ان کي چمڪائي، جرڪائي پيش ڪيو، اهائي شاعري آهي“ — شيام سنڌي روايتن کي اهڙيءَ ئي طرح پر واقعي ڪيڏو نه چمڪايو ۽ جرڪايو آهي!

’پنکڙيون‘ کان پوءِ رباعيون رکو شيام جي هن مجموعي (’ماڪ پيا رابيل‘) ۾ آهن. رباعيءَ جي هيئت فارسيءَ گهاڙيٽي ۾ بيت جي موضوع کي سمائڻ، اهو به ڪمال فن ڪاريءَ سان — اهو شيام جهڙي شاعر جو ئي ڪم آهي.

سپرين جو نيٺ هو اڇڻ جو اقرار،
ڇا ماکيءَ ميٺ هو اڇڻ جو اقرار،
آسروندي اکيون تکن ساري رات،
هن تاري، هن هيٺ، هو اڇڻ جو اقرار.

هن رباعيءَ ۾، شاهه لطيف جي سُر ڪنڀات واري بيت ”هن تاري، هن هيٺ، هٿ منهنجا سپرين“ جو ماحول آهي. پر نيٺ سنڌي بيت ڪي رباعيءَ ۾ آڻڻ شيام جو ئي فن آهي.

اهو ته ٿيو بيت رباعيءَ ۾ — هاڻي رباعيءَ ۾ هائيڪو ڏسو:

خاموش فضا ۾ شام ڏنڌلي ڏنڌلي،
سڏ ناهه ته ڪنهن مهل ويم ننڊ ڪڇي،
آڏيءَ وگڙي اکيون ڪُليون جڻ منهنجون،
چانيل اڌ هنڌ تي هئي چانڊوڪي.

انهن چئني ته هيءَ ”چڻن سٽن جو هائيڪو“ آهي. (اڄڪلهه جديد نقاد انجيل ۽ هيمنگوي ۾ به هائيڪو ڳوليو لهن).

هي رباعيون پڙهو. رباعي فارسي گهاڙيٽو آهي. ان ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻين جا ڪردار کڻي ۽ ته فنڪاريءَ سان آنديل آهن، جو پاڻ جي ثو ته هي گهاڙيٽو فارسي نه پر سنڌي آهي:

اوٺي اوٺي هوريان هوريان اٺ ڪاهه،
هونگاريندي ڳالهه ته هي دل تان لاهه؛

تنهنجي اک تي ساهه سريکو سپرين،
منهنجي دل تي بار وڇوڙي جو آهه.

*

ٻڄي هرڪا نار نه مومل پوندي،
هر موسم ۾ لات نه ڪوئل لوندي،
راڻا پنهنجي هوڏ نه ڇڏ پر دنيا
توکي ته صدين بعد به پاڳل چوندي.

*

سهڻي سهڻي هئي ته بس مهر لئه،
هن جو دريا تي ٻڏڻ ترڻ هو ور لئه،
ڪنهن جو هو چنڊ چانڊني ڪنهن جي ٿي،
ڪارو ڪارو ڪلنڪ سهڻي گهر لئه.

مٿين رباعين ۾ شيام سنڌي ماحول آڻڻ سان نه فقط رباعيءَ جي گهاڙيٽي پر ان جي روح کي پڻ قائم رکيو آهي. هر رباعيءَ ۾، هڪ انوکو ۽ اونهو نڪتو آهي، climax آهي، جيڪا هن گهاڙيٽي جي جان آهي.

هيٺين رباعين ۾، جذبن، عڪسن ۽ ڏاڻن جون اهي ڪو جنائون آهن، جيڪي شيام جي شاعريءَ ۾ هنڌين ماڳين موجود آهن.

ليٽن ۾ جوانيءَ جي اچڻ تي ڦٽڪي،
پوتيءَ جو پلئه سيني ڍڪڻ لاءِ ڇڪي،
جئن آهه پري ڦاٽي تهائين چولي،
ڍڪجي ٿي غريبي نه جواني ٿي ليڪي.

هيءَ رباعي آهي گهاڙيٽي ۽ ٽيڪنيڪ جي لحاظ کان، پر جديد ترقي پسند سوچ جو هڪ نادر نمونو آهي ـ عڪس آهي، چرندڙ پرندڙ عڪس آهي. هن ۾ انسان دوستي ۽ سماجي انصاف جي لاءِ پڪار آهي ـ دقيانوسي، روايتي ۽ اونداهي گهاڙيٽي ۾ وچ جو چمڪاٽ آهي.

هيٺينءَ رباعيءَ ۾ کهڙو نه چٽو، سهڻو ۽ چرندڙ عڪس آهي، جيڪو رومانوي جذبي سان ڀريل آهي: آهو به رباعيءَ ۽ هائيڪو جو ميلاپ آهي. پر ان ۾ مقامي ماحول آهي. رباعي فارسي، هائيڪو جپاني، ۽ ماحول هندستاني!

سانجهن ويلي ڳانءِ ڏڏي پٽي راڌا،
روپا ڪرٽا ٽٽن منجهان پئي نڪتا؛
چونڊيءَ مان پيس هارجي سڀ چاندوڪي،
پڌنـدي ٿي آلاپ مٺا مرليءَ جا.

هن رباعيءَ ۾ موسيقيءَ جي تشبيهه ڏني وئي آهي. اها تشبيهه اهو ٿي ڏيئي سگهندو، جنهن کي موسيقيءَ جو سٺو ذوق هوندو، ۽ ڄاڻ هوندي:

مان ڪالهه ويس پور پڇائيندو پئي،
سامهون تو سڏيو اوچتو اچي رستي تي،
ڦيرائي ڇڏيم سلسلو ويچارن جو،
ڪو ڳائڻو جڻن ميند ڏئي سر بدلي.

'پنگڙيون' کان وٺي، 'ماڪ پنا رابيل' تائين، نارائڻ شيام رباعين ۾ تجربا ڪري، ان کي فارسي ماحول

۽ لهجي کان بلڪل ٻاهر ڪيدي، ان ۾ سنڌي لهجو ۽ ماحول سمايو آهي، ۽ پڻ ترقي پسند سوچ کي آندو آهي، ۽ ڪن ڪن رباعين ۾ هائيڪو جو عنصر پيدا ڪيو آهي.

'ماڪ ڦڙا رابيل' جي نظمن واري حصي ۾ ٻه اهڙا نظم ڏنل آهن، جيڪي تجرباتي آهن. ڪن نظمن جو گهاڙيٽو ماترائن موجب ائين ٿو لڳي ته سنڌي آهي، ته ان ۾ فارسي وزن فعلن فعلن فعلن- فعلن فعلن فعلن جو ورد به محسوس ٿئي ٿو. نظم "خواب" جو گهاڙيٽو سانيٽ (چوڏسيءَ) جو آهي، پر ان جي ٻولي، رواني ۽ موسيقيت ان گهاڙيٽي جي اوپرائپ کي ڍڪي ڇڏيو آهي. نظم "سڪ نه مليو سڪ پائي" ترائيل آهي جنهن جي موضوع، لهجو، ٻولي، موسيقيت ۽ ماحول، سڀني گڏجي ان ۾ اهڙو مقامي رنگ ڀريو آهي، جو گهاڙيٽي جي اوپري هجڻ ڏي گمان ئي نه ٿو وڃي:

چنڊ لٿو ٻار رڙي ٻانهون مٿي ڦهلائي،
آرسي ڏيئي چون کيس ته وٺ چنڊ اجهو،
هاءِ سنسار هٿي سڪ نه مليو سڪ پائي
نانءُ ٿيو اصل جو، هٿ آيو مگر عڪس رڳو.

فارسي عروض جو وزن، فرانسيسي شاعريءَ جو گهاڙيٽو ترائيل، ۽ ماحول، لهجو، ٻولي ۽ موسيقيت خالص سنڌي.

نارائڻ شيام جي شاعريءَ جي اٺن ئي مجموعن جي

اُپياس مان لکي ٿو ته پهرين 'ماک ڦڙا' ۾ شيام تجربا ڪيا آهن، ۽ آزاد نظم، سانيٽ، گيت، غزل لکيا آهن، اڳتي هلي 'روشن ڇانورو' ۽ 'ماک ڀنا رابيل' ۾ هن دوهن، سورٺن، وائي ، هائيڪو ، ترائيل ۽ غزل ۾ قلم آزمايو آهي، ۽ نيٺ غزل سان لڳون لاتي اٿائين.

شيام جنهن به ڌاريءَ صنف کي اختيار ڪيو آهي، ته ان جي سمورين فني ضرورتن کي پوري ، ان کي سنڌي ماحول مطابق پيش ڪيو اٿائين، ۽ ان جي اوپرائپ کي بلڪل ئي ختم ڪري ڇڏيو اٿائين. هن هر گهاڙيٽي ۾ اصليت ، انفراديت ۽ تخليق کي قائم رکيو آهي. هن جي شاعريءَ جا ماڳ، احساس، ۽ ڌاڳا ورجايل نه، پر اصلي ۽ کوجنا ڪيل آهن. هن شاعريءَ ۾ ردم ۽ خيال ۾ توازن قائم رکيو آهي ، ۽ لفظي ردم جي جادوگريءَ تي فڪر ۽ نيپائي کي قربان نه ڪيو آهي.

هو سنڌي شاعريءَ ۾ آزاد نظم، چوڏسيءَ (Sonnet) ترائيل ۽ هائيڪو جي بنياد وجهندڙ شاعرن مان آهي ، ۽ سنڌي بيت ۽ وائيءَ کي پيهر جيارڻ ۽ ان کي جديد تقاضائن لائق بنائڻ ۾ شيخ اياز ۽ بردي سنڌيءَ سان گڏ هن جو وڏو حصو آهي.

هن جي شاعري صحيح معنيٰ ۾ 'جديد' آهي ، چو ته غزل، هائيڪو، نظم، بيت، دوهي – هر گهاڙيٽي – ۾ هن اڪثر ڪري جديد پيچيده زندگيءَ جا عڪس ، مثلاً ۽ احساس پيش ڪيا آهن.

شيام صحيح معنيٰ ۾ ترقي پسند ۽ محب وطن شاعر آهي. هن جي ترقي پسندي نعري‌بازي نه آهي (سواءِ ڪن اوائلي نظمن جي)، ۽ هن جي وطن دوستي سطحي نه آهي. هن جي شاعري نجي شاعري آهي، ۽ هو نجو شاعر (Pure and genuine poet) آهي.

هن هندي سنسڪرت جي ڪلاسيڪي ڏارائن، سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صوفيائين روايتن، جپاني شاعريءَ جي گهاڙيٽي ۽ ان جي فني خوبين، جديد مغربي شاعريءَ جي لاڙن، ۽ ترقي پسند ۽ وطن دوست سوچ جي ميلاپ سان، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ اهڙي اسلوب کي تخليق ڪيو آهي، جيڪو فقط شيام جو ڪارنامو آهي. ان اسلوب کي تخليق ڪرڻ لاءِ ايترين سارين ٻولين جي اونهي اڀياس، ۽ ان سان گڏ نارايڻ شيام جي باذوق فطرت، دردمند ۽ وطن دوست دل جي ضرورت آهي، جيڪو ٻئي ڪنهن شاعر لاءِ ناممڪن آهي، ان ڪري شيام اسان جي دؤر جو مهاڪوي آهي.

مون شيام جي ڇپيل اٺن ئي مجموعن کي اڳ ۾ رکي، هيءُ اڀياس لکيو آهي: ’ماڪ ڦڙا‘ - سنه ۱۹۵۳ع؛ ’پنکڙيون‘ - ۱۹۵۵ع، ’رنگ ني لهر‘ - ۱۹۵۶ع، ’روشن ڇانورو‘ - ۱۹٦۱ع، ’ماڪ ڀنا رابيل‘ - ۱۹٦۴ع، ’واريءَ ڀريو پلانڊ‘ - ۱۹٦۸ع، ’آڇيندي لڇ مران‘ - ۱۹۷۲ع؛ ’مهڪي ويل صبح جي‘ - ۱۹۸۳ع. هينئر شايع ٿيندڙ غزلن جي مجموعي، ’نڪور غزل‘، کي مون هن اڀياس

۾ شامل نہ ڪيو آهي- ان ڪري، جو مان چاهيان ٿو تہ سنڌي زبان جي شاعريءَ جا چاهيندڙ ۽ شائق، سنڌيءَ جي هن انوکي شاعر ۽ ”ڪوتا جي ڪاڪ ڏٺيءَ“ * جو تازو ڪلام، پاڻ، ٻنان ڪنهن اڳواٽ مڙهيل رائي يا نتيجي جي، پڙهي، ان کي ماڻن، ۽ ان مان لطف حاصل ڪن.

نارائڻ شيام جي هن مجموعي ۾ اهي غزل شامل آهن جيڪي هن سنہ ١٩٨٣ع کان سنہ ١٩٨٦ع تائين لکيا. سنڌ ۾ انهن غزلن جو پڌرو ٿيڻ نيڪ فال آهي، جيڪو اسان جي هن درويش صفت شاعر جي سنڌ لاءِ اٿاه محبت جي سنڌ طرفان موٽ آهي.

— تنوير عباسي

سرمد جو گهر، خيرپور

، مارچ ١٩٨٧ع

---

* هي سنگرام !
سامهون آ
نارائڻ شيام !
هن جا منهنجا
قول بہ ساڳيا
ٻول بہ ساڳيا
هو ڪوتا جو ڪاڪ ڏٺي، پر

منهنجا رنگ-رتول بہ ساڳيا .... -” اياز “.
(”وڄون وسڻ آئيون“، ص ٣٧).

## مددي ڪتاب

(١) ارجن شاد ۽ ٻيا : ”ڪونج“ــ نارائڻ شيام، پرچو
بمبئي، ١٩٦٦ع.
(٢) سگن آهوجا: ”روشن چانورو“ جو مهاڳ، بمبئي،
١٩٦١ع.
(٣) هري دلگير: ” رنگ تي لهر “ جو مهاڳ، بمبئي،
١٩٥٦ع.
(٤) ارجن شاد: ”پنکڙيون“ جو مهاڳ، بمئي، ١٩٥٥ع.

# ٻوند - لهرون - سمنڊ

نارائڻ شيام

جو

نڪور ڪلام

آهيان تہ **ٻوڏن** پوءِ ٻہ **لهرون** ڏسي ڏسي،
آڇلون ڏئي ٿيِدل تہ پوان هوند **سمنڊ** ٿيِ.
— شيام (ص: ٦٦)

جهوڻ جي بيڪار منجهند جي سمي،
جس اڪيلو ڪاڻ ڏي ويٺو لنوي!

سج تکو ايڏو ته چمڪيو پٽي مٿان،
جو ڪجهي اڪ ڏي نه پيئي سمنڊ ڏي!

ڦاڳو ڪنائي وات سان وينين رُسي،
ويٺو آهين پوءِ به ڪنهن جي وات تي!

شام جي سرهي ۽ ٿڌڙي واءُ جو،
جهوٽو آيو، ويو ڪري تنها مون کي!

گرچه ٽالي جي نه سڌ ڪائي هئيم،
پيا ته سهڻو گل ٽڙيل هئو شاخ تي!

چؤطرف آونده ڏي آونده آهه، پر
جو ڏسڻ ۾ ٿو اچي، آن مان اچي!

هٿل گهڙيءَ جي ڏي مٺڙ تائين رڙهي،
خود هلي ڏس وقت جي رفتار کي!

فڪر اينڌڙ جو ڪري ورندو نه ڪي،
موت ۾ ڇا هي، جو آن تي سوچجي؟ ٨٣/٦

○

آهيان تہ ٻُوند پوءِ بہ لهرون ڏسي ڏسي ،
اُڇلون ڏئي ٿي دل تہ پوان هُوند سمنڊ تي !

گويا خيال جو ٿي اُتار ۾ چڙهاءُ هئو ،
ڪنهن سُرت کي ڇڪي ويون لهرون لهي چڙهي !

ڪڙڻ جي لئہ شرارتي نينگر پٺيان تہ هوس ،
ووٽ کي ٻہ پيرن جي تڪڙي ڪٽي هئي !

اڄ طي ڪري سفر ٿو مڙي راهہ جنهن ڏسان ،
دل کي ڪُڏون ڪيا ۽ دڙا ٿيا ڏين خوشي !

ڳالهيون ڪري تہ پوريون ڪيونٿين، مگر اڃا
ڪا ڳالهہ دل ۾ آهہ جا پوري نہ ٿي سگهي !

دل پريت ڪان پلئي مون ، ٿيون مُدتون، مگر
ڪهڙي سا اهڙي پيڙ اِجا دل سهي پئي ؟

جو ڏٺان پي نہ ڏيئي رکي ڏيان هر طرح ،
تنهن ڪان ڪي ڇا لڪائجي، ڪنهن ڇنهڙي ڪيمرڪي ؟

چيڙي ڪئي ۽ ڪنهن هٿي اُڏن راڳڻي مٺڙ ،
جو سُرت ٿي سڃاڳيب، ويا ڏينهن ٻُوڙجي ؟

○

ڳاڙهي شعاع ڪري ۽ ڪا شي چمڪي جنهن ڪوهيڙي ۾،
سون ڪي ڏسڻ ۾ تون اِئن آئين ماڻهن جي ميڙاڪي ۾!

توکي سينگارڻ چاهيو سون پنهنجن سهڻن سپنن سان؛
نڪرڻو تنهنجو ٿي سينگار مگر منهنجي هر سپني ۾!

نيريون نيريون اوچايون ۽ روشن وستون انبر جون،
سارو ڏينهن عقاب آڏامي نيٺ لٿو آکيري ۾!

مان ٿڪجي، وڻ جي ڇايا ۾ ويٺس منجهند مهل اچي،
جهانڪيو رات جي سناٽي پٺي ڏينهن جي هل هنگامي ۾!

ڪامي ڪامي سا به وسائي، هٿي جا هڪ ٿي ميڻ بتي،
منهنجو پاڇو پڻ پرڪاش لٿو سيڪندو رهيو اونڌيري ۾!

ويندين منجهه تري تو پوءِ ڇا؟ هنج ته آخر رهندو هنج،
اوچي "شيام" اڏار پريندو آڏندو انبر آجلي ۾!

٨٣/ع

○

فضا خاموش، ٻوڏيون پهر، چُپ تارا، اڪيلائي،
مٺي دل! تو کي سڏڪڻ ڪاڻ هيءَ ئي ويل هٿ آئي؟

وڃائي بنسري ڪنهن پئي پريشان، ٻرلاءُ پوندي ئي،
ڀڳن جي دائري ۾ ڦٿڪندڙ دل جي اداسائي!

هئي بس منهنجي دل ۾ روح پرور ياد تنهنجي ئي،
ستارن پوءِ به پوئين رات ڇت ۾ چڻنگ چٽڪائي!

آئيو اڄ سوير، منهن تي مسڪراهٽ ڦهلجي ويئي،
مگر مون کي ڏسي هٽن، چا ڪون ڀرجي تنهنجي دل آئي؟

يڳن جا راز چمڪائي ويو سينگار تنهنجو ائين،
نکاري چندرما جو عڪس جئن پاڻيءَ جي گهرائي!

ڪيا تو ماڪ جي ذرڙيءَ سان ظاهر راز راتين جا،
ميٺي سرهاڻ سوالن ۾ ۽ هيءَ ڇهري تي سرهائي!

جڏهن ٻي روبرو آئين نظر سڀڪجهه نئون آيو،
نئين نت تنهنجي گهٻراهٽ، نئين نت تنهنجي پنهنجائي!

لڙهي پئي ڏينهن پر سنڌوءَ هنر ڪرڻ کي ڦهلائي،
ستارن کي چمي، ٻاکر ۾ لاهي رات کي آئي!

۸۳/۷

○

ڏسي گلاب سرهو ۽ ٽڙيل خوشي ته سري،
مگر پتين ۾ ڪنهي ۽ جهڪي سڳنڌ لڳي!

وڏي وڏي اهي پاڇا ڏي رات ٿي پوندا،
هنڌ وڏن ٿا ته ٽڪار ٿي وڻي ٽين جي!

انڌاري رات جي چادر ۾ پاڻ کي ويڙهي،
لڪي اُئين ڏي جو جمنا، ٿئي ڇا جي لاءِ لڪي؟

اُئين ڏي ڇوهه پريو مينهن جو پيو ڇڇڪو،
وڏي گلن ڪان ڏي خالي ٿي مرڪڻي جوهي!

ڏٺا خوشيءَ جا هجن يا غميءَ جا، پاري رک،
جو ڪنهن بهاني ڏي، اوندهه ته ذهن جي گهٽي!

پلي مون پريت ڪان دل، پر ڪٿي جي گڏجي هوءَ،
خيال ايندي ٿيس، پاڻ ڪان ڏي پاڻ شڪي!

الائي ڪهڙي گهڙيءَ آن مان ”شيام“ نڪتاسين،
وطن ورڻ ته ڇا، سرحد ڏسڻ نصيب نه ٿي!

٨٣/٨

○

سخت سيارو سج سامهون پڻ سارو جسم ڪنبي ٿو،
پٺتان منهنجو پاڇو پيٽ کي چنبڙي ڪٿن نه پوي ٿو!

گهاٽي مهمان هئڻ آ ٽوپي لاهي ليٽيو،
ڏس ته سنڌس ٿي ٽوپيءَ هيٺان ڇپن ڇپن ٽڏو ڪري ٿو!

سفر حياتيءَ جو هڪ لنبو ڪيڏو، پنڌ اڻمانگو،
گهر کان دفتر، دفتر کان گهر، بابو روز ڊڪي ٿو!

بس ۾ ڪاليج نينگر سان گڏ ويٺل هڪ ساڌو،
ڪڙڪيءَ مان اسٽاپ لئه شايد ور ور ڏئي ڏسي ٿو!

ساندهه برساتين کان پوءِ اڄ مس نڪتو سج آهي،
سامهون پيٽ تي ويٺل ڪانءُ به سهڻو ڇا ته لڳي ٿو!

ڏينهن تتي جو جهنگل اندر ٺڪ ٺڪ ڪاٺ ڪٽڻ جي،
مسان ساڻ آواز ڪهاڙيءَ جو به مگر ٻڌجي ٿو!

ڪڏهن نه چمن جي وڻ هيٺان بي فڪرو بيٺو آهين،
گهڻو ڪو سر جو خير، مٿي ڏس طوطو جهمون ٺڪي ٿو!
٨٣/٨

○

هٿن رڻ پٽ جي سخت سفر تي نڪتو آهين ڏينهن تتي،
جي پيو ڪجهه نه، ڪٿين ها گهر مان ڪنهن هڪ پيٽ جي پاڇي ڪي!

شايد شام جا چار وڳا هئا، آيس پٺي تو سان ملڻ،
منهنجي پاڇي سان ڏڪريو ڪو شخص اچي ڪٿن رستي تي!

بجلي وٽي ته ميڻ بتي لئه هڪڙي جي گهر پهتاسين،
رستو پار ڪندي اوندهه ۾ ڪو نه ڏٺوسين هڪبئي کي!

رات انڌاري آهي پوءِ به ڏسجي ڪين؟ تو اڳن ناهي،
تارن هيٺان ڊنڊلو ڊنڊلو ماڻهن جو تو ميڙ لڳي!

هن اونداهي ڪنڊ ۾ جو پاڻ ڪني هيڪل پائين تو؟
سڏ ڏي شايد پيو به هجي ڪو ۽ سڏ جو ورجاءُ اچي!

جيئن ۾ جهاتي پائي ڪاڻ جهروڪو پهرين هوءِ به ڪو؟
ڪيئن چوان ته ڏيپي نه سگهي، جو هوا ڇڏيا سي در پوٽي!

هن ته گهٽا آونهي اونداهي، پر جو آن مان تي موٽيو،
جڳ ته ڇڏيو پر پنهنجو پاڻ به هن کي ڪجهه نيارو ئي لڳي!

○

هن ڏي وڻ جي چانگيل ٽاري،
پنهنجن پرسان ڏاري ڏاري!

سج جي پرتو کان جر جرڪي،
سر ۾ آو نهي آهه انڌاري!

شام اُداس سنيارن وچ ۾،
شاهه جي وائي ڪنهن جهونگاري!

بند شهر جو هل هنگامو،
رات جو هاڻ ٻه پاري پاري!

روشن ڪمرو، اڱڻ اونداهو،
وچ ۾ اڪ جي اڇ وچ جاري!

”شيام“ صبح جو مشڪئين اڏن پئي،
جڻ تو سک جي رات گذاري!

٨٤/٣

○

ويچار کي ٽڪرايو اچي دل جي ڌڪ سان،
جهٽڪي سان لنگهي ويئي هوا وڻ جي پنن مان!

آڪاس ۾ ڪڪريون، ڪي پڪي ڍنڍ ڪناري،
ڏس دل ۾ ٻه پيچ پوءِ مڙي پنهنجي اڪيلائي ڪان!

سڀ جايون سڄي بلاڪ ۾ جايون ٿي لڳيون ٿي،
هڪ ماڙي ٿيءِ سان ٿي پئي هرجاءِ جهڳي جان!

ويساهه بنان هوس، ائين سور ته آهي،
ويساهه وڃايل وري، پائي ته سگهيس مان!

ڪنهن مورتي ڪيرائي، ڏنا ميڙي مون ٽڪرا،
آئي نه نظر مورتي ڪا مورتي ڏاران!

فوٽا به ته ڌنڌلا ٿي ويا هاڻ پٽين تي،
تفصيل ڏسيا تو ٿي ڏسي جهور نظر سان!

سوڙهو جي ٿيو دائرو آفاق جو پوءِ ڇا،
پيري جي نظر! آپ به ڌنڌلو آهه اڳي کان!

(٥)

ڪيڏي موهڻي پريم جي مايا،
سڀان سدائي ڪنهن جي ڇايا!

عشق ٽِڄيو سنسار سو ڪهڙو؟
حسن سوين سنسار سڄايا!

ڪايا ڪيئن نہ بدلجي ويئي،
مون تہ خيال جا تَهہ بدلايا!

اک ڪي لهس ڪتان هيءَ آئي؟
سپنن جا هئا گهاٽا سايا!

ڪنهن جي ڪنڌ تي ڪنهن جو چهرو،
ساڙن اڄ اُن ڳنڍ لڳايا!

مون کي رڄ لڳي هيءَ دنيا،
پر تو سمجهي رام جي مايا!

پورا ٿي ويا راڳ پراڻا،
پر نہ نوان ڪي سُر هُہ آيا!

ٺ

ڪيترا رستا ۽ ڪيڏا موڙ هئا،
ايندي گهر تائين ڪئين چڪر لڳا!

آرسيءَ آڏو رکي ڪا منهن پيئي،
جنهنجي منهن جا رنگ ڦرندا مون ڏٺا!

ڪي اکيون، ماڻيون اکيون، مرڪز ھئيون،
جنهن جي چوڌاري آئيا طوفان هئا!

ڪي به ڳالهايو نه تو ئيا مون، مگر
ڳالهه جا نڪتا نه وسريا تني اڄا!

روشني ۽ رنگ جيئي دنيا وسيع،
جي اکيان هونديون، ڏسي سگهندس به سا؟

مون ڏسي توکي، لڪيو ليڪن هيٺر
تنهنجي پڙهي مون تي ٿي لڪندا ڪي پيا!

سونهن وينگس جي، مٺي ڪومل جي لات،
واٽ ويندي ڪنهن ڪڏهن ماڻي به ڇا؟

رک وسائل رات جي باقي رهيءَ،
صبح ڏونهون ويا ڇڏي جو ڳيتڙا! ٨٤/٤

O

آسته چپ چاپ آپ جي آهه تارن کان ٿي نوراني،
ڪٿي بس ڦوڪڻ ٿي هن خلا ۾ رنگ افشاني؟

ڏسي هي حال شايد آڳريون ڏندين ڏنيون اٿئي،
مگر مون ۾ ڪي ڏني ايندڙ جي سوچن آهه حيراني؟

هٿي پي، پوءِ پي ڳڻتي نه پاڻئي مون گذاري جي،
لڳي دل کي رهي ليڪن حياتيءَ جي پريشاني!

غمن گهيريو اُٿيون منجهي ويو احساس راحت جو،
بهار آيو ويو پڻ پر نه ويئي دل جي ويراني!

خدا وسريو، خوشي ويئي، اگهائيءَ جندڙي جهوري،
هٿي بس تنگدستيءَ جي ڪري ٻي نُور پيشاني!

ويئم گهر کان مساڻن تائين ويندڙ وات تي چا کان
نه وسهين، نه مرضيءَ سان هلڻ جي ڪا ٿي آساني!

٨٤/٤

○

ڏنو مون چنڊ ڪڙيو سج لٿي کان پهرين جو،
چمان هي چنڊ جو اوندهه ۾ رات جي نڪتو!

ڇپن تي رات جي چمڪي ٿو ڪٿن نه چنڊ اڇا،
جيئن ۾ آهه اڇا سونهن جو اثر ڪيڏو!

ڪنوڻ نه ساڳي، نه ساڳي وري ڪنوڻ جي ادا،
ڪنوڻ جڏهن به ڪنوي مون اکين ۾ مرڪيو هو.

مون تنهنجي منهن ۾ گلن جون نزاڪتون به ڏٺيون،
گلن مان اڄ ته ليا پائي تنهنجو چهرو ٿو.

ڪلهن تي تنهنجو رکي سر مون سک ڪيو حاصل،
ڪلهي تي تنهنجي رکي سر مون ڏک ڪيو هلڪو!

الائي ڪهڙي ڀڄائي اسان جو ساٿ ٻٽيو،
اِئين ٻٽيو ڏسي رهي شل ڇٽي نه ساٿ اهو.

هئي ته "شيام" فقط هڪ گلاب جي ڪوندي،
تڏهن به گهر جو اڱڻ پانءِ جهڙو باغيچو!

○

ماڻ تہ هڪ يادگار پيڙهين جو،
تو چتائي مون کي ڪڏهن نہ ڏنو!

ڊوڙندو ٿي رهيس تلاشيندو،
من ملي ڪوئي هنڌ ٻيهڻ جو!

ماڻ سمجهي پڻ سگهيس نہ تنہ ڪري،
اک لڳي، آيو جاڳ جو سپنو!

زندگي اڻ ڳڻيون تقاضائون،
حاصلاتن جو پل شمار نہ ڪو!

موت جو فڪر سربسر بيجا،
ڪنهن حوالي ۾ پوءِ بہ ٺيڪ لڳو!

رڻ ٿو وجهلي سڄو پڙاڏن کان،
ايڏو ڪنهن جي صدا ٿي پڙڪي، ڇو؟

جي ڇيڇر لفظ سي سڀيس ڇيڇر،
پوءِ بہ مفهوم ڳالهہ جو اوکو؟

ڇا تہ هيڪل وسوڙي "شيام" حيات،
دل سڪي ڪنهن جي سات لاءِ ڪيڏو! ٨٤/٥

○

گيت جو سُر ۽ لَي جي سمجهون،
ڳايون پريت جو گيت ۽ جهومون!

سونهن ڏنم ساڪار جو تو ۾،
عقل چيو ڇڏ سيڻي سوچون!

لڄ کان هڪدم نيڻ جهڪايم،
ڏسندي منهنجون تکيون نظرون!

پيار ڏنو، سنتوش ڏنو تو،
تو مان ڪيڏو سک پاتو مون!

هاڻ وَ تي هلڪي تون گل وانگر،
ڪيڏيون ڳوريون نظرون تنهنجون!

پائي ڪنهن جو ساٿ سهانو،
اي من، اي اڪ، چالئه پڻڪون؟

○

اينديون پير ٻہ چمنديون لهرون،
واري ڪيڏنديون پيرن هيٺون!

ڦيٽن تي هيءَ گهمنڊڙ دهلي،
هلندڙي آپ کي پائي رهنڊون!

پيگل مورتين تي گل چاڙهيل،
کهڙيون ڳالهيون وشواسن جون!

سَپُ تہ سُڙيو ٻٽي پٽ تي پرتان،
منهنجي هاڻوءَ ۾ ٻوءَ جون ليڪون!

حاشيءَ ۾ لفظن جي معنا،
ڪي سمجهيئہ ٻہ ڪتاب پڙهڻ مون؟

پوز ٺاهي ٻُت ٿي بيٺين،
پاڻ ڇپايئہ ڪيميرا کون!

ڪيڏو اجلو نيرو آپ هئو،
ڪڙڪيءَ مان جو ”شيام“ ڏٺو مون! ٨٤/٦

○

هتي زندگي رڃ جي ريٽ جان،
لڙهيس جنهن جي لهرن ۾ ڏينهن رات مان!

اُتي اوچتو رات جي شانت ۾،
آئي ڪُوڪ ٻَن جي هڃيل هانءَ مان!

اوهان جي مٺي گيت جي تال تي،
اڙي گوپيو، ڪيستائين نچان؟

هوائن ۾ ڀٽڪي ڪيئه پئي تلاش،
گهٽو هيٺ گل جون جڙون واس ڪان!

فقط آگرين سان ٿي ڳوليائين حُسن،
پيو عشق انڌي جي لئه ڇا چوان!

ڪڏهن "شيام" ڪنهن پيءُ جي ڳاتو ملهار،
سدا دل ۾ احساس جاڳيا نوان! ٨٤/٦

○

توکي ڪيتريون ڪيم پنهنجي دل جون پارتون،
تنهنجون هئي نزاڪتون دل جئي لاءِ سيکتون !

پنهنجون ڏي جڪايتون پاڻ سان شڪايتون،
پاڻ سان محبتون پاڻ کان ئي نفرتون !

ڪئن نه ٿي پيون چيئيون پنهنجي ٿي نگاهه ۾،
ڪوڙ جي وڏاءَ سان ڪوڙ جون حقيقتون !

اک هجي، نظر هجي، پوءِ به شرط ڪو ڏسي،
پاهڻي حقيقتون سخت چهره صورتون !

ڪنڌ پيي ڪلهن تي هئو، ٿي سگهيو به ٿي متي،
پر ڏسن گراوٽون، سر جهڪائي غربتون !

دل ٿي دل ۾ پئي گهٽ ريئه منهنجي راهه تي هلي،
پوءِ به منهنجي چال تي تنهنجون هئي ملامتون !

ٿي اتي ڏي آس تکي ۽ اتي ڏي چانو ٿي،
اي نظر، اهي هيون ڪنهن ڪڪر جون حرفتون !

ٻڌاءِ سمجهه سمجهو مون جيئن سلسلو،
وٺُم داستانن جو سڀهه مزو!

ڪُجهي گهر ۾ گهر جو هُيس مان ڪٿي،
رَسيءَ تي سُڪائڻ وڌل جڻن وڳو!

جتي پيي هُيس، مان هُيس بي وجود،
الاهي عقيدت جو هيءُ معجزو!

سڃاڻپ نه ماڻهوءَ جي آهي هينئر،
ڪڏهن وڻ ۽ وڻ ۾ وڏو فرق هو!

ڇڻيل پنڪڙيون پٽ تي پکڙيل هيون،
ٻصر جون کلون ميز تي، شام جو!

هوا جي اشاري نچيو ڪک نه پئي،
هُو پنهنجي ئي مرضيءَ جو مالڪ ته هو!

اچي جڻن پياسين تڪي بخت ۾،
ڪري در تي ٺڪ ٺڪ ٿو رکنو وڏو!

خيالن جا ڦيٿا ته ڦرندا رهيا،
ٿم ٿيو پر نه ٿيو ڪجهه به طي فاصلو! ٨٤/٦

○

شام جو وڏندڙ هٿي اوندهه گهٽي،
روشني پرندڙ ٻتين جي پٺي وٺي!

ڇا ڪيو هنگامو رنگن هئو ڪٿي،
ڇپ ڇنيو ويو سانت جي صورت ٻٽي!

'هان اجها' چوندي ٽو ڪوليو در اچي،
گل ٻه ٽي جوهي منجهان پڻ پيا ڇٽي!

ڪڙڪيتا هانو ۾ چمڪڻ لڳا،
جڻ ٽو مشڪيو مون ڏي پيهر اک ڪٽي!

گهاو اڄ ۾، ياد گهاون جي هئر،
پيڙ رهندي ٿي اچي ٿوري گهٽي!

ڪنهن جي سهڻي جسم تي پوندي نظر،
دل جي اونده "شيام" پاڪيزه ٻٽي!

٨٦٤/٠٧

○

ڏسي مون ڏي رکي رکي مُشڪيو،
نه پُڇي پڻ وري تو پُڇيو!

هڪ طرف مون ڏي خود وڏي آئين،
ٻي طرف مون کي پاڻ ڏي تو ڇڪيو!

موڪلايئه ڳراٺڙي پاتي،
موهه، ڪيڏو اکين ۾ آٿلي پيو!

ڇا هو آيو نه ياد ڪندي،
ڪي وساريي به ڇو نه پڻي وسريو؟

مون کي ڇا ڇا نه پٺي سڏيو ماڻهن،
نه سڏيو توئي مون کي اڄ نه سڏيو!

نه ملڻ جي ميار ڪيئن ڏيانء،
پاڻ کي پاڻ کان مون ڌار رکيو!

جلسي آخر ڏٺو وساڻو، پر
تيستائين ته ڪٿن نه پٽي ٽمڪيو!

ڪيتري پرسڪون ٻاک ڦٽي،
اڏ اکيون کولي کو سمهي ٿي رهيو!

○

اڄ هلي اڄ اٿاهه ساگر ڏي،
ڏس اڇي بيڪنار ساگر کي!

مينهن ڇڇڪا ڪري وسيو ڪيڏو،
صرف ڏسجي ٿي جهاڳ ساگر تي!

جوش مان جي ڪناري ڏانهن پڳيون،
موٽي اپنايون لهرون ساگر سي!

گيونجندا مندرن ۾ ”شيام“ رهيا،
ڇڏيا ساحل تي شنک ساگر جي! ٨٤/٩

○

ڪٿِن چوان تصوير هئو هوبهو تنهنجي هئي،
پوءِ ٻي تصوير سا هر طرح تنهنجي لڳي!

ماڪ جن گل تان چڪي، پڇ انهن کان سواد جي،
مون تہ پيتا لڙڪ هئا جي ڳلن تان پيا ڳڙي!

منهنجي هر احساس ۾ سار پڻ شامل رهي،
ڪنهن نظر، ڪنهن روپ، ڪنهن مرڪ، ڪنهن آواز جي!

ها، گڏيا هئاسين اسين ڪنهن سفر ۾ هڪ دفعي،
ياد آيو اوچتو تنهنجو اڄ فوٽو ڏسي!

مون چيو هڪ ڀيري: مون کي هِئن ڪرڻ گهربو نہ هئو،
تو چيو: چا ٿي ٻيو، پر وڃي وئين اڇي!

”ننڊ تو پڻ ڪجهہ ڪئي يا رهئين اِئن جاڳندو؟“
”تنهنجي سر هيٺان رکي ننڊ منهنجي هٿ ڪئي!“

ڪوئي آيو ڇئو ملڻ ۽ ملي موٽي ويو،
پوءِ جا محسوس ٿي تنهن جي ناموجودگي!

جي ڏئہ توکي ڪڏهن آرسي ۾ ٿي ڏئہ،
مختصر محدود ٿي ”شيام“ منهنجي شاعري!

○

رستي جي پر، وڻ وڻ هيٺان سُس پُس ڪري هوا،
اوسي پاسي توڙي اهڙي ڏسجي پٿر نه ڪا!

دل جا دڪڙا اورڻ نڪتين آخر اُٺن ڪنهن سان؟
ڪو گهر ۾ ڏي ناهه ته پاهر هوندو ڪيئن ڀلا؟

چُپ چُپ من کي ويڙهي ويٺي آهه اُداسائي،
اِن ڏُکٽي خاموشيءَ جو ڪو ناتو نه آهي ڇا؟

هاڻ اُنهن جي پاڇي ۾ پڻ ڪانه ٽڏاڻ رهي،
ڪجهه پانڻ لئه آس ۾ لُڪ ۾ جن تَسي پنڌ ڪيا!

ملڪ ۾ ڪائي مارئي هاڻي شايد نه ٻيي ملي،
پوءِ به سچي سڪ جي لئه ساچهه ڪا ٻي آهي ڇا؟

ڪي ٿانڊاٺا "شيام" اُڏامي منهنجي جيءَ منجهان،
رات انڌارن ٻُوڙن ۾ جهرمر لائي بيٺا!

٨٤/٩

○

ايڪانت يا ڪ سارَ سکيئين ڪينَ جا سهي،
ويني اکين مان لڙڪ ڇو آيئہ اِئين وهي؟

آهڙو تہ خير ناهي ڪي دل کي نہ جو وڻي،
پر دلڪشيءَ جي ڳالهہ اڪوڻي ڪٿي رهي!

سچ پچ مُرڪي تہ مون ’نہ‘ اگهي پڻ ڪٿي هئي،
پر تو ڏٺي تہ شڪل، جا سچ بجي هئي ڏهي!

روڪيئہ غلط هلڻ کان نہ ٽوڪيئہ ڪڏهن مون کي،
پر منهنجي لئہ قدم تو هميشہ کنيو صحيح!

اڇڙو ڀهو ڪير؟ گهر کي سجائڻ اِئين لڳين ٿو،
سينگار جو خيال بہ دل تان ويئہ لهي!

سيني جو آهُ پاڻ ڪيو ”شيام“ تو ڪِلي،
ڪنهن کان خوشي مليئہ ڪ سا آئين ڪٿان لهي؟

رهيس تو لاءِ قرباني شخصيت مان،
مون کي ڪاش پاتيو تو هڪ آدمي جان!

ڏسي آرسي ۾ تو اڄ مسڪرايو،
هجي جئن تہ ڪو موڪلائيندو ڪنهن ڪان!

لڳم، ڄڻ سنڌ گرم سواسن ڇهيو پئي،
ڪٿي تنهنجو فوٽو لڳايم ڇپن سان!

نهاري نهاريم وري پي نهاريم،
اکين ۾ هو تنهنجي نئون ڪي تہ هونءَ ڪان!

چون لاءِ چپ چوري چوري ۾ چپ هڻن،
جهڪايم نگاهون هٽائي ڇو مون تان؟

پيلا ڇا هو اڳ ۾؟ اڳيان ڇا ڪي ايندو؟
جوابن لاءِ سوچيان؟ سوالن کي سمجهان؟

٨٤/١٠

○

ڇڪي گهونگهٽ تو مُنهن ڇپايو پيءِ،
هيٺي پنهنجو هٿڙي جتايو پيءِ!

هوند نيڻن تان بندشون لاهي،
سونجهه من جي ذرا مٽايو پيءِ!

دل تي ڪيڏي نه سونهن لهر ماندي،
ڪا ته صورت سندس بڻايو پيءِ!

ناچ سان، راڳ سان، ڪي رنگن سان،
ڪي گهڙيون زندگي سجايو پيءِ!

ناد انهد جو گونجندو ازخود،
گيت ڪو سُر ۾ لئي سان ڳايو پيءِ!

خواب آئنده جا ڏسڻ وارا،
ڪاش، ماضيءَ جو سڏ آنايو پيءِ!

ڪٿن ڏسيان چاهي روح سنڌيءَ جو،
روح کي روح سان ملايو پيءِ!

○

صورت جون رنگتون ۽ محبت جون صورتون،
هن ۾ فرق جون ڪو سچائي نفاستون؟

جڳ ڪان لڪي ڪيائون عقائن ۾ بندگي،
ليڪن ڇٽين ڇتين تي جي رنگين مورتون؟

ڪوٺا رڪ ۾ ڏٺيون مون، ڪجهوراهو ۾ ڏٺيون،
هر گهر جي زندگيءَ ۾ مگر هيءَ جي عورتون؟

هر هڪ آئيو سوال ٿي اخلاق جو، مگر
ويٺيون ورائي ويڙهي حواس جون لذتون!

دنيا انهيءَ جي لاءِ هيئس ”شيام“ جيڪڏهن،
آهيان انهيءَ ۾، پوءِ ڇو آن سان بغاوتون؟

٨٤/١٠

○

چنڊ آڳڙ ۾ چڙهندي، بند ڪمري ۾ اچي،
پاڻ کان هر هر پڇيم: پاڻ کان سڳهندين لڪي؟

روشني ڪان پوءِ ڇا؟ نيٺ اونداهه آهه ڇا؟
ذهن کي ڏنڊلو ڪري رات اِئين رمندي رهي!

ڪيتري گهري نظر ڪجهه نه ڳولن ٿيون اکيون،
يا لڏي آهي اُنهن ڪائي دنيا سوچ جي؟

هيئن ٻچي پاڇن پٺيان پاڻ سان پڃائي نه ڪٿ،
ناهه ڪا ابدي خوشي ڇو ٿو جهورين جندڙي؟

ٻسار ڪمري ۾ اچي مات ۾ نڪري ويا،
ميز تي اِئين ٿي رکئي چاهه تنهنجي ٿي ٺڏي!

ڪنهن ٻچن ڳاٽو اِئين دل گهري ونڊن ڪريان،
ديوتا ڪوئي نه هئو "شيام" بيٺس هٿ ٻڌي!

٨٤/١١

○

آءُ نه ڏاهي، جنا ڌُوارَ کُلي پيا،
ڏُک وٽ سُک جا جهول جهلي پيا!

خالي دل، ويران نگاهون،
ويٺي ويٺي نيڻ ڇلي پيا!

پير ۾ وهاري کلي پڇيائين:
اڄ هن پاسي ڪيئن پلي پيا؟

سچ ته گهوٽي کين ڏيکيو پئي،
تارن هيٺان راز کُلي پيا!

لکنديءَ هڪ اڌ خال ڇڏيو مون،
اَن تان جو آفواه هلي پيا!

گرم هوا ۾ رولو ڪڪريون،
ڏينهن تتي پاڇا به رُلي پيا!

پنهنجي منهن سِر ڳالهايم پئي،
پير وارن جا وات کلي پيا! ٨٤/١٠

○

ڏرم جو ايئن وجود آهه جئن پاسي ۾
امن ٻيڙائن ۾ ڏنل ڏند ڪتا جئن پاسي!

حال آهستي ڏسيئي پنهنجي تماشي جو ٻئي
هاء ٻه سڪين سان پريل نرم هوا جئن پاسي!

شور ئي شور هو، مفهوم نه هو لفظن جو،
گونججندي راز ڪرڻ سان غبا جئن پاسي!

رات سنسان ۾ اڄ چپن جو احساس ائين،
بند تقرير ٿيڻ بعد فضا جئن پاسي!

شانتيءَ احول مگر پوءِ به چپ چپ هر ڪو،
"شيام" سانڍي وڃون ڪنهن گهڙيا جئن پاسي!

٨٤٠١١١٠١١

○

دل ۾ ڀاوَ ماڻيا کنهن جي روپ جا ڳايا،
روپَ ھي نگاھن ۾ ڪھڙي ڀاوَ چمڪايا؟

بس چپن ۾ مُرڪيئه پئي مون ڏي نهاريئه پئي،
زندگيءَ جا مونجهارا مات ۾ تو سُلجهايا!

رات مُدتن کان پوءِ دير سان گهر موٽيس،
چانئجي ويا در تي کنهن جي سار جا سايا!

راتڙيءَ سهائيءَ جي سونهن ٿي جي گل ٽهڪيا،
سي ٿي رات ڪاريءَ جِيءَ چڙ سُڳند ٿي آيا!

صرف ھڪ ٿي تاري ڏي رات پر نهاريندي،
تو خيال پنهنجا ھئا ڪيستائين ڦهلايا!

رات گذرندي وئي وئي شانت مَنِ ٿيندي،
ھير ڳُنڍ ڳُنڍائيءَ پئي آن جي سانوري ڪايا!

ڪھڙي سوچ ڪارڻ ٿيو ورن ورن مُنهن تنهنجو،
آس ۽ شاخ جي وچ ۾ گل ٿي پاسا ڦيرايا!

٨٤/١١

○

هيرو صراف جي ڳولا ۾ هتون هت هلندو،
نيث لهندو ۽ وڃي مٽ ۾ آنهيءَ جي پوندو!

نند تارن کي، نه دريا کي ملي وينساهين،
پاڳ ۾ جاڳ هنن جي، ۽ هي هلندو رهندو!

ڪنهن به ساحل تان ڪڏهن ڪونه ڪو موتي پاتو،
لهي پاتار ۾ پوندو جو آنهيءَ کي لهندو!

جا وري ياد پئي سا نه حقيقت هوندي،
وسرندو، وسري وري ياد نه سپنو پوندو!

پير هلندڙ نه ڪي بيٺل ٿي ڪٿي پير ٽڪل،
جو وڻن مان ٿو وڃي ڪنهن کي سو رستو لڳندو؟

مينهن ڪڻ، ماڪ ڦڙا، لڙڪ به آخر پاڻي،
جو ڦڙو موتي بڻيو سو ته نه پاڻي بڻندو!

○

تهه تهه ورائي هوند ذرڙي انڌڪار جو،
صد رنگ روشنيءَ جي آنهي پرده دار جو!

اُن رنگ رنگ ڦول وڻن ۾ ٽڙيل لڳن،
نيالو جدا ليڪن ۾ لڪيل ڇڙ بهار جو!

پوٿي پڙهي پڙهي به ته ڦاٽي پيا پنا،
ڀوڻي جو هو ڪتاب نه ٻي سمجهه ٻار جو!

آکيرو جنهن پکيءَ لئه غزل لئه رديف آهه،
هي ڇيهه بيت بيت جو، هو هر آڌار جو!

حاصل نه ٿي سگهي، جي خوشي پيار جي ڪڏهن،
ساري سچار ڀوه ٻه آنت هو پيار جو!

٨٤/١٢

○

راهيءَ ڪوبہ نہ اوپيڙو ڪو،
رستو هيءُ ڪيڏانهن وڃي ٿو؟

چائين چائين موت بہ ايندو،
ڪوئي حوالو نيٺ جيئڻ جو؟

جاڳڻ چاڻ جي ننڊ نہ آيئي،
سپنن ۾ پڻ جاڳڻ ٿئي ٿو!

ڪالهہ جهازُ چڙهيو- هو بندر،
سواد سار جو ڪيڏو کارو!

کٿهريون کٿهريون نرم نگاهون،
هي اوسيڙو، هي آسانگو!

تنهنجي ڳاهي ڳاهي- آهٽ،
پانئہ نهي ويو ٿئڻ محفل جو!

ساک جيان اڌ رات جو آئين،
تون پئي نڪتين سج پئي نڪتو!

دک تہ حياتيءَ پر جو ساٿي،
۽ سک دک جي اکيان پنيان هو!

○

تنهنجي هيءَ ماڪ، تہ ديوار نہ ڪا جهڙن پاسي!
مرڪ سان اڄ تہ نہ ڍهندي، ٽِـِي اِها جهڙن پاسي!

رات جي سانت ۾ سنگيت جو احساس اُٿين،
نـاچ جي بند ٿيڻ بعد فضا جهڙن پاسي!

روپ شڪتيءَ جو، لـڳين پوءِ بہ تون وهم پري،
وچون سانڍيندي بہ سيتل ٿي گهٽا جهڙن پاسي!

ڪنڌ نيئڙايو گلن ماڪ ڦـڙن جـي بـاعث،
اهڙو ٿـورو بـہ ڪٿي پياري خطا جهڙن پاسي!

صبح جي ويل ڪڏهن شوق وچان وات پٽي،
سواد ورنئہ بہ تہ ٿي آس ۽ هوا جهڙن پاسي؟

ڏوڙ مان آءُ آئي هل تـہ هماليہ تي ڏسون،
ڇا رشهن هو ڏنو ۽ ”شهام“ تو ڇا جهڙن پاسي!

٨٤/١١

○

کارگر کنھن رڳت آئينو ٽيئي،
مون کي منھنجو چھرو ڏيکاري ڏئي!

پنھنجي آئندي جي گھٽين ۾ گھري،
ڪوئي ماضيءَ ۾ پيھن جي چو جئي؟

ھر ڏئي جو ھڪ الڳ آھي وجود،
گرچہ روشن ھو ڪيو آن کي پيئي!

آھ بخشش لب مئيءَ جي صرف، پر
جي ڏئيءَ جي راھ ۾ ڪوئي ڏئي!

”شيام“ ھئن موزون تنھنجي شاعري،
زندگي تنھنجي مگر بي قافئي!

٨٤/١٢

٥

”شيام“ پنهن جي پيڙي ٿاهي، ڪيتن ساٿ پري،
سونهن سنڌوءَ جي لهرن ڪي، من ڪا ويڙ ٽري!

بي معنا ڳالهائيم پئي، پر ڏيئي ڌيان پنڌ ۾،
با معنا هر ڳالهه لڳم تنهنجي اِن ڌيان ڪري!

تنهنجو يا توسان گڏ گهاريل پل جي وقفي جو
سپنو لهندي يا سوچيندي اڄ پڻ خوشي سَري!

سچ ته پراڻي ڳس تان ڏڪندي ڌوڙ اُڏاڻي ايئن،
ڏسندي، واٽ نئين تي ويٺي نظرن ڳان ٿي پري!

ڪهڙي جڳ جو آهيان پوءِ به جيان ٿو ڪهڙي ۾،
مان هلندي پهتو آهيان ڪٿ پويان پير ڪري؟

هيءَ ته حيات ڌڙي جان، جنهن ۾ وقت وڏا گهارا،
واسينگن جان ڦڦڪارن سي جڻ جڻ واءُ وري!

○

مون تہ سمجھو ايندي دعوت عيد جي،
تو ’مبارڪ‘ سان مٺائي موڪلي!

منھنجي ڪڙڪي جيتري آڪاس ۾،
ھيترا سارا آڏاٽا ’پيٺي پڪي!

گهيري اونداهي هئي چئني طرف،
تو ڏنو پاڇن کي ڇڙندو پوءِ پيي؟

جي تہ بيحس ٿي جئين ها ان طرح،
ڇا نہ ٿئي ها زندگي هڪ مثنوي؟

تانگهہ ڪنھن جي لئہ اھا دل ۾ ڪٿي،
ياد محسوسائي اڄ شرمندگي!

ڪنھن گهڙي گذري ويل جي سوچ ۾،
اڄ تہ بيٺل واچ جان وئين بيهجي!

زندگي تنھنجي تي دلڪش طنز جان،
مرڪندڙ تصوير تنھنجي پئي لڳي!

’شيام‘ کي شعرن منجهان سمجهي سگهين،
توڙي جو سمجهين نہ هن جي شاعري! ٨٥/١

٥٠

ٻـادلن جـي چانڊوڪ - آس جي رانـد پـرمايو مون کي،
'اڄ' ۾ ڳهتاريون ڏيـاري 'ڪلهه' ۾ اُچلايو مون کي!

رات ڪر موڙيـا نـہ هاڻ سورج ليو پاڻو نـہ هو،
ڪنهن اُتـاري هنڌ مـان پـاڇن ۾ اُلجهايـو مون کي!

دوستؔ، تنهنجا دوستيءَ لئہ ڪيترا ٿـورا مڃان،
تنهنجي ڳالهين منهنجي نظرن ۾ ڏي ڪيرايو مون کي!

صبح جـو تـالاب ۾ ڪيڏو چـِٽو خـود کي ڏٺـم،
هـير آهستي لـڳـي پڻي ڪئن نـہ ڏنـڏلايو مون کي!

ڍَنـڍ جي پر ڏيئي تـرندي جئن لنگهي ويئي ٻـَدڪ،
عڪس پنهنجو بس وري اڳـ جان نظر آيو مون کي!

"شيامؔ" آهيان شيامؔ ڏي مان ڪين، پرڪجهہ پيو ٻہ ڪي،
راز هـي سپنن اڄـا اڄ رات سمجهايو مون کي!
٨٥/١

○

شيوالي ۾ وچ ۾ گهنڊ ڪڏهن هوم وڄايو،
پنڊي گهنڊ جو آواز ڇو اڄ ياد سو آيو؟

هيو چنڊ به آڪاس ۾، رستي تي ٻتي پيي،
ڏڏو پنهنجو به سايو مون ۽ سايي جو به سايو!

آهي صورتون، سپنن ۾ سمائي نه سگهيس جي،
انهن پوت تي اونده ۾ ۽ اوجهڙ ۾ رُلايو!

ملير وات، پيرم وات جي، هر موڙ جي سڌ پيي،
مگر حيف قدم مون نه ڪو منزل ڏي وڌايو!

سڪيل پن جي ڇٽي پيا تي مٿان پوه به وٺيا پٽي،
ڪڏهن ڏک ۾ پڪڙجي به انهن ڇين وڃايو!

نهاريو مون ته ڪنهن ڪي ڏي چانگڻ لته چمن ۾،
مگر رنگ گلن جو ڏسي مون هٿ نه لڳايو!

سڄاڻيس نه مٿرا ۾ نڪي برج ۾ ڪوئي،
پلا "شيام" کي ان هوندي به ڪنهن شيام بڻايو؟

○

مون ۾ جوانيءَ ۾ هي تنهنجا انگ سڈول ڏٺا،
منهنجي تن من تي اُن ڇانيل کي احساس ٿيا!

توکي ڏسندي ذهن ۾ آپريون ڪيئي ڪلپنائون،
توکي ڏسي به مون ته ڏٺو پٺي پرين، الائي ڇا ڇا!

ڪنهن کي ڏسندي منهن تي نکريندڙ سک جون ريکائون،
سچ جا ڪرڻا پيا ۽ ڇٽي پٺي بادل مان نڪتا!

ڪن هڪڙي اُن مندجي ويٺي تنهنجي فوٽو ۾،
مرڪ ميٺي سان منهن تي موهٺي موهه مڙهيل ريکا!

مشڪي اُن مون ڏانهن نهاري ويهي ڳالهائي،
ڏهڪ ڏئي تنهنجي چپ ٿيندي، گونجي آٿي فضا!

مان تو لئه اڄ ڇا پيو آهيان، آهيان يا ناهيان،
تو ۽ مون کي سياڻ سمجهندي ڇا ڇا هيءَ دنيا!

○

ڏسي ڪنهن کي ٿي دل لڄي ڇو پئي ؛
۽ نظر خود بخود جهڪي ڇو پئي؟

پيار جهڙي هئي ته ڳالهه نه ڪا ،
پوءِ به سيني ۾ دل لُڇي ڇو پئي؟

جيڪڏهن ڪا هئي نه مجبوري ؛
اُئين آپ ڏانهن اک کڄي ڇو پئي؟

ڪيلي توکي چيم ته سچ ٿو چوان،
اندر اندر ئي دل سُسي ڇو پئي؟

ڳالهه ٿي درگذر ڪئي به وئي ؛
ياد پئي ته هُن ڇپي ڇو پئي؟

زندگي ”شيام“ زندگي آهي ،
ڇا ٻڌايان، مون نيٺ جيي ڇو پئي! ٨٥/٣

○

دوست، جنّ سونٽ ۾ تو ڪيڪاريو،
”پاڻ کي تو لڳان ڏاريو!“

ماڻ تہ اڻچاڻ ساز ۽ سُر کان،
بس ڇهيو مَن تہ تار جهنڪاريو!

زندگيءَ لاءِ شاعري ڪهڙي،
زندگيءَ زندگيءَ کي اظهاريو!

ياد سان ياد ان وٽي جڙندي،
وقت شايد ٿئي گهڻا ميسارئيو!

باغ جي ڪنڊن مهل منجهند جي،
پوڙ هڪڙيءَ ٿئي پٺي تہ ڳونجاريو!

”شيام“ وڻ کي ڏسُن ذرا ڏٺي،
ڇا ڪونہ ڪوئل اڄ نہ ڪونجاريو!

○

اڄ بہ ڪلھہ جان پرھہ ڦٽي آھي ،
پوءِ بہ اُن ۾ ڇا تازگي آھي !

موت مساوي سچ جو ٿي نالو،
سڄي مايا تہ زندگي آھي !

ڪونہ پاڻي ڪڏھن رھيو ساڳيو،
لھر ھر وقت لھر نئين آھي !

ڇو ٿي ھر شيءِ نظر اچي ڏنڊلي ،
رات چوڏس جي ھٿن ڇڏي آھي !

ڳالھہ ڪن جي نہ ٿي سگھي پوري،
صبح مان ٿيندڙي شام ٿي آھي !

جنھن ڏھاڙي بہ جا ٽڙي مکڙي ،
ڪنھن نہ ڪنھن پوڙ سان تڪي آھي !

”شيام“ ان ۾ ڪڏھن تہ گل ڙڪيا،
مليو گلدان سو ڪٽڙي آھي !

○

اِجهو اُس پٺي چنبڙي اِئـن ڳُلن کي،
ٻُڪيو چنبڙي جڻن ڪو آبهم ٽٽن کي!

آسُوءَ جي آسُن ۾ ٿي محسوس اِئن ٿيو،
هٿر سان ڏَڪيو ماءُ پُٽ جي ڳلن کي!

ٻِچڙن جو چڱو اولڙا آرسين جا،
شرارت سُجهي ڪا ٻِچڙ جي ٻن کي!

سَڏ ڏيڻ سندري کي "مٺي منهنجي موهل"،
ڪيڻ ڪن ۾ روشن وساڙل ڏيگن کي!

ڏيڻو گهرو آنند محسوس مـن ۾،
سنهاري حياتيءَ جي ماڏيل سڳن کي! ٨٥/١٤

O

نہ گل حقيت نہ تون حقيقت،
هئـي حقيقت فقط نـزاڪت!

اچـا اڳاهـون اچـا اڳاهـون،
نہ ڪابہ منزل نہ ڪابہ مُهلت!

سوال دلڪش جواب دلڪش،
ٿي روشني روشنيءَ جي برڪت!

ڏٺي آجاگر ٿـي ٻنادلن ۾،
هئي جا پلڪن جي پويان صورت!

نہ پير ۾ راڌا نہ هٿ ۾ ٻنسي،
نہ سمجهي ڪنهن ’شيام‘ جي ڳجهارت!

وڌيو ٿي گلدستو ڇا تہ دل کي،
اچي اُنهن ڪنهن ڇڇي جو قيمت!

ٻـڌي، پريو تـو ڇو ساھ ايڏو،
نہ شعر جي اچ ڪـيـتـ شڪايت؟

٥٠

ڪالهه برابر چنڊ پورو ٿي لڳو،
ڪيئن چوان اڄ آهه اڌورو نه سو؟

ڇا هئي ساڀيا ۽ ڇا هو سچ ڀلا،
مورتيءَ ماڊل ۾ ان جو تو ڏٺو؟

روپ منهنجو هو جو منهنجي ذهن ۾،
آرسيءَ ۾، ان جي ڇو برعڪس هو؟

بيٺي اونداهه ۾ ڏٺم برقي بتيون،
پنهنجي دل کي پڻ ڏٺو مون پڄرندو!

منهنجي اونداهه ۾ ڏيئو ٻاري ويو،
پر نه هن کان مون سندس نالو پڇيو!

ديپ مالا پيل رچي گڏجي سڀني،
ته ٻه وجود آهي الڳ هر ديپ جو!

”شيام“ لفظن ۾ ته سُر سمٽ ڏي هُيا،
پر نه ڪنهن هڪ ۾ سمايل راڳ ڪو!

٨٥/٥

○

ڪهڙي سرحد، هي نه بيحد جو جهان،
فڪر تنهنجي جي اُفق حد جو نشان!

جاڳندي جڳ جڳ، ننڊ ۾ سپنو سچو،
جيسين جيئري جندڙي تيسين جهان!

سچ نه سچ ڪنهن کي ميجي ڪيڏو مجان،
ڪونه ڪو جاڳيو تي هرهڪ ۾ گمان!

اي مُسافر، تـو کي، بـرپٽ تيو نصيب،
تون ڏکين، اڄ برپٽ به آهي گلستان!

يـادگيريون ڪيتريون هِن ۾ اڃان،
سچ، تيو خالي نه آهي هي مڪان!

رات چاندوڪي، تـون آئيني اڳيان،
ڪنهن جو ڏندلوڏي سهي هوندو نه ڏيان! ٨٥/٥

○

جيسين توسان پرين! اڇي ڳڌجان ،
ٽيستائين تہ هيڪلائيءَ سان !

هُٿي تارن جي روشني نہ رکو ،
رات ٻاهر ڏٺو مون ڪڙڪيءَ مان !

روپ ريکا ڏٺم جڏهن بہ ڏٺم ،
ڪٿي قسمت، جو تنهنجو روپ ڏسان !

چار تارا هُيا ۽ آپ ٽڪرو ،
ٻيو ڏسندين ڇا دُوربينيءَ سان ؟

رهيو ڳهيري ۾ ننڊ جي ڳهيريل ،
آڇتو هي وجود سپني جان !

ٻئي جيسين نہ پريم ديوانيءَ ،
ڳهت ڳائي ٻڌي نہ ڪا ميران ! ٨٥/٥

○

وينديءِ وينديءِ اُئين ڏناڻين ڇو ؟
ڇوري ڇپ پيءِ نه ڪجهه ڇپائين ڇو؟

جي نه ڪرڻي هئيس، لکي ڏي سکيو،
خود اچي جو نه هتن ڪيائين، ڇو؟

ڇو ملين، جي ميلي ڪيلي "نه" سکهين،
وقت ڪنهن وٽ وڃي وڃائين ڇو ؟

مهڪ تنهنجي اي رات جي راڻي،
رهي محدود رات تائين ڇو ؟

پاڇي پاڇي جو ورن آهه الڳ،
رنگ روشن گهٽي پڌائين ڇو ؟

آيو آهين ته "شيام" تي تا آڇونس،
در تي هتن بيهي هچڪچائين ڇو؟ ۸۵/۹

○

ڦو رستي تني ڇو مشڪيو پئي،
هلندي هلندي ڇا سوچيو پئي؟

ڪيڏو ڪَنَ جي وِچ ڇپ ها،
ڇڻن اکين ۾ ڪي چمڪيو پئي!

هائي تون ته هئين ڇُپ، ليڪن
تنهنجي ڇپ کو خال پريو پئي!

ڇپ هوندي ٻي ڇُپ نه هئين ڪي،
ٿو رکي رکي ڇو مشڪيو پئي؟

ليٽي ڪالهه هٿ ڪي جو ڏنو مون،
مون اڄ هٿ پيهي گهوليو پئي!

لکندي تنهنجا وار چڙيل هئا،
خط جي خوشبو هيءَ به ڏسيو پئي!

سڙهي آس ڇپ چاپ هئي، ۽
رنگ لٿو ته هڪڙو چڙيو پئي!

ڍنڍ ڪناري چار سهائي
وڻ تان آپ ۾ ڇو آچليو پئي؟

٨٥/٩

پاڻ ۾ تنهنجو منهنجو لاڳاپو،
پاڻهي رشتو غزل جي بيتن جو!

چاهه مان آئين پر اچڻ کان پوءِ
تنهنجي چاهت کي مون اداس ڏٺو!

ڪجهه نه سوچي اکيون جهڪائي ڇڏيندي
چپ نه چوريئه چئيئه نه ڪي به چئو!

هلڪي هلڪي اچي ٿي ڪا خوشبو
دل مگر آهه پياري پاڙي ڇو؟

سونهن آهي سدا ڪنواري ”شيام“،
ڇا هو مومل کي مينڌري سمجهو؟

O

تہ جي پڇڻ تان هلندي ٿا اُڙيا ها،
ڪريا چانئٺ تان گهر ۾ جڻ گهڙيا ها!

اڃان ٻيي گهنج پيشانيءَ تي تن جي؛
ڪڏهن جي دوست چرچي ۾ چڙيا ها!

ميٺي هيءَ مُنهن ماڪيءَ جان، مگر هي
مُکين جا ميڙ ڇا ڪارڻ چڙيا ها؟

هوا ۾ فراڪ هڪ مٿتي ڪچيو پئي،
مگر نظرن جا ميڙاڪا مڙيا ها!

اڄوڪي ڏينهن جني هيءَ رات موڪي،
اڄوڪي ڏينهن ڪيڏا گل ٽڙيا ها!

هيو سنسار سارو ننڊ ۾ ”شيام“،
اڄوڪي رات ڪي تارا ڪڙيا ها!

○

لنيو پٽي پکيءَ ڇا گهٽيءَ مهل ڪان،
آئيو هوس اڄ ننڊ مان ڏيـر سان !

گهڙي ڪن ٻه ٽير ڇنڊ جي عڪس ڪي،
ڏٺو مون نه جمنا جي پاڻيءَ مٿان !

ڇڏيم ڪيترو پـوئتان ڇـانورا،
هٽيا پـر نه پاڇا اڃان ذهن تان !

ڇُهيو ڪنهن ته پٽي هانوءَ کي، ذهن کي،
وٺين تون ته اوندهه ۾ ڇڏجي مون کان !

آئي ويٺي توکي تـه سينگار جي،
سدا سونهن تنهنجي ڏسڻ لئه سڪان !

ڪڏهن ڪجهه ڇپيـئه ڪين حُجت رکي،
لچارو رهئين تون تـه مهمان جيان ! ٨٥/٢

○

پيار نہ پياسي ساڀيا جهڙو،
سپنو جهڙو روپ هو اهڙو!

ڪيڏو آهہ چٽو آپ نيرو،
پوءِ بہ لڳي ٿو سپني جهڙو!

چنڊ منڊيو ماندائي هو سارو،
سچ نڪتو پوءِ سپنو ڪهڙو؟

تنهنجو رخ منهنجو ڏک آڏن ٿي،
پرچئين ليڪن جهڙو تهڙو!

نيٺ وڃائي ڪاڻ هجي جا،
اهڙي شئي جو پاڻ ڪهڙو!

”شيام“ آسلهہ يا بي مسلهہ جيون،
ڪٿجي ڪٿن، ڪو مٿاڻ نہ اهڙو! ٨٦/١

○

ننڊ نيڻين آئي نه ڪا چاڪاڻ،
خواب ميڙي ڪرين ڪٿا چاڪاڻ؟

ڪنهن جو پيتم هوءِ، آهنج ڪوڙي هوءِ،
ٻوڙندو پٺي وڃين پلا چاڪاڻ؟

مان ته سچ جي تلاش ۾ نڪتس،
گڏ هلي پوءِ ٻه ڪليا چاڪاڻ؟

روح ابدي هجي ڪٿي نه هجي،
راز سلجهيا نه موت جا چاڪاڻ؟

مان ته ڪن ڏيئي "شيام" ويٺو هوس،
تو ڪئي 'هون' نه ڪائي 'ها' چاڪاڻ؟ ٨٦/١

○

تو ڏينهن ڏني ديپ تہ ٻاريو،
احساس انڌاري جو ڏياريو!

ڪا عمر ٿي پرڏيهہ ۾ رهندي،
ڏيهي ٻہ ملڻ سان لڳو ڏاريو!

تو جسم کي يا پيار کي ڪنهن جيءَ
هٿن روڻي وڇوڙي ۾ ٿي ساريو؟

مانيٽي هٿي ماٺ جي ٿنهنجي،
ڪنهن دل ۾ هي طوفان اُٿاريو؟

بس ڏينهن ڪٽيم ڪوڙ ڳٽيندي،
هر رات مون تارن ڏي نهاريو!

ڪنهن سوچي مرڻ مهل چيو هئي:
اف جٿري تہ مون پاڻ نہ ماريو!

ڳهرو اچا ڳهرو ٿي ويو گهاءُ،
مون پيڙ سان ٿي لوڪ کي تاريو!

٨٦/١

نگاهه تنهنجي بدن تان کڄي کڄي نہ کڄي،
اگرچه توڙي نهاري ٿيس ٿني دل ۾ لڄي!

ٻتي ڀري ٿي تہ پاڙيسري جي گهر ۾ ٿي،
ٽڏهن بہ مون کي چئو آئي نہ ننڊ رات سڄي؟

انهي طرح تہ نہ ڏس ٻيهي ٻيهي وک ٽي،
رُڪئين تہ پوءِ تہ سگهندين ڪڏهن پڄائي پڄي!

رهئين خيال ۾ ڪنهن تان جي گم سم،
هئه چين ٿي، مگر ٻنسري وڄي نہ وڄي!

چمن جي سونهن بہ اک کي ڪڏهن ڀري نہ سگهي،
ڪڏهن تہ 'شيام' کو هڪ گل ڏسي ڏسي نہ رڄي!

○

مون ڏنو هر روز جيڪي تا ڪريو،
ايشور جي پوڄہ بہ تا هامي ڀريو؟

ڏاڍو ڏاهي ڪئي پنهنجي ڏيٺي هليو،
هڪ ڇرڻي بيٺي چيڻ: ساڃهہ ڌريو!

ڇا، خوشيءَ جو ٽهڪ هو تو جو ڏنو،
ڳهري خاموشيءَ نہ تي سڏڪو ڀريو؟

ننڍپڻ جون ياد اڙٻنگايون پيون،
ڪِل بہ آئي، پڻ ڏڪارو ڏڪ سريو!

جهيڙجي، جي ڪجهہ ڪجي، سهجي بہ ڪي،
ويهي سڪ ماڻڻ مان آخر ڇا وريو؟

آهہ آپ پيي باز سر تي، جو جهڪيؤ!
پوڻ کي هڻن ڇو ٿا شرمندو ڪريو؟

"شاعري جزويست از پيغمبري"،
"شيام" کي شاعر سڏيندو ڪو ڇريو! ٨٦/١

○

هي اسان جو ٿي حافظو آهي،
حادثن ۾ نه سلسلو آهي!

زندگيءَ کي نه آهه ڪا معني،
جا ٻڌايئم ڏني ٻه تو آهي!

آزمودو دليل سان الجهيو،
جو ڏٺو آهه ڪنهن ڏٺو آهي؟

سوچي سوچي گھڙي گھڙي جيئڻي،
زندگي اهڙو مسئلو آهي!

آدمي ڪجهه نتيجي طور نه آهه،
اجا اڻپورو تجربو آهي!

آدميءَ ۾ نه آدمي هڪڙو،
پل ڏسڻ ۾ پيو نه ڪو آهي!

عڪس تنهنجو نه آهه تو جهڙو،
آئنو تو ڇهي ڏٺو آهي؟

"شيام" رولڻو ٿي جو نه راهون رليو،
پنهنجو رستو نه اڻ لڌو آهي!

٨٦/١

○

مون ۾ آهين تون وهم ڪي پاپان،
دل کي ويسهه ته تو ۾ آهيان مان!

وقت کان پنهنجو پاند آجو ڪر،
ڇڄڻ پوندين سڄي خدائي کان!

ناهه انڪار خودڪشيءَ کان پيءِ،
پر ٻيءَ جي ڪجهه وري سري ان مان!

جس جڏهن ۾ نه ڪو مرڻ لئي سبب،
زندگي اهڙي زندگيءَ کي چوان؟

منهنجي تقدير ٻان کي جيتي،
منهنجي تدبير جنگ دنيا سان!

گهرو گهرو گهٽو ڏسين جنهن ٿو،
نيٺ پنهنجن ۾ هوندين ڌارين جان!

پنهنجون نظرون ته "شيام" ڏس ته سهي،
اُن هٽائيندين اک نظارن تان؟ ٨٦/١

○

پيار ڪان، پيڙ ڪان بچي سگهندين،
اڻن ته ڏرتيءَ تي ڇا رهي سگهندين !

زندگيءَ ڪئي ته زندگيءَ وانگر،
موت جي ڇانوَ ۾ ڪي جي سگهندين !

آدمي يا فرشتو يا شيطانُ،
ڪنهن جهڙو ڪان سواءِ ٿي سگهندين ؟

خواب ۾ ننڊ ۽ اُنهيءَ ۾ خواب،
اي ستارا، ڪهڙو سچ ڏسي سگهندين ؟

علم ۽ عقل جي اُتاهينءَ تان،
من جي پاتال ۾ لهي سگهندين ؟

ڇا، آساڻيل اِنهن نگاهن سان،
مرڪ جي زهر کان بچي سگهندين ؟

هٿيءِ ويٺين ته پنجو پاڙن جان،
گل جهڙي شاخ جان لڏي سگهندين ؟

ڪن لڳائيءَ ته پوَنءِ سان رکُ "شيام"،
لئه سنڌ س گيت جي ٻڌي سگهندين !

○

اڄ اڄ سائي وڻ جي ھيٺان،
ڇانئو نه مِلنديم سڪل وڻن ڪان!

مون ته سڏيم جئن مون کي بچائين،
پاڻ ڊڄي وئين رنگ ڏسڻ سان!

اھڙو ڪوئي خواب ڏٺو مون،
پاڻ کي ھاڻ نه ساڳيو پيايان!

ڪھڙا ڏاھ ڏسيان مان توکي،
پنھنجي دل جي پاڻ نه ڄاڻان!

ڪنھن ڊرپڻ ۾ ڪھڙي سچ جي
مايا ڇايا مان به ته سمجھان!

دنيا ساري رڻ جو جرڪو،
پر نه جنھن لئه چاھ ھرڻ جان!

رات سموري تارن کي پڙھ،
رڻ ۾ رلايم "شيام" پاڻ سان! ٨٦/٢

# نارائڻ شيام

نارائڻ 'شيام' نارائڻ داس گوڪلداس ناگواڻي
ساهتيءَ جي ڳوٺ ڪاهي قاسم، تعلقي نوشهري فيروز،
ضلعي نوابشاهه، سنڌ جو ٢٥ جولاءِ ١٩٢٢ع تي ڄاول:
ڊي. جي سنڌ سائنس ڪاليج، ڪراچيءَ، مان
بي. اي، پاس ڪيائين، ورهاڱي ڪانپوءِ
هندستان ۾ لڏي ويل، جتي سندس شاعريءَ
جا نَوَ مجموعا شايع ٿيا: 'ماڪ ڦڙا'
هري دلگير سان گڏ، 'پنکڙيون'، 'رنگ رتي لهر'،
'روشن ڇانورو'، 'ماڪ ڀنا رابيل'،
'وارياءَ ڀريو پلاند'، 'آڇيندي لڄ مران'،
'مهڪي ويل صبح جيءَ' ۽ 'نه سو رنگ - نه سرهاڻ'،
سندس هيءُ ڇهريون مجموعو، پهريون
ڀيرو پهرين سنڌ ۾ ڇپيو آهي.
پاڻ دهلي ۾ رهن ٿا ۽ هند جي
ساهتيه اڪيڊمي جي سنڌي بورڊ جا ڪنوينر آهن.

Title Cover designed by: ABROS
114, Bombay Hotel, I.I. Chundrigar Road, Karachi Ph. 218.

نارائڻ شيام

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳَر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌائڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورتي پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بيـن لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪـن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيـادن تـي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ ڪان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اٽڪلائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)